آفتاب ابڙو

# سنڌي ٻوليءَ بابت سراج صاحب جي نظرئي جي ڇنڊڇاڻ


***Abstract***

**Analytical views on the theory of Mr. Siraj-ul-Haq Memon about Origin of Sindhi Language**

*It is quite natural that every nation has high regards for its own language. A Swedish Etymologist has said:”when God created the verse He directed in Swedish Language. Adam spoke in Danish”. Muslims believe that Arabic is heaven’s language and on the Day of Judgment people would be asked in Arabic language. Hindu people believe that deity speaks in Sanskrit.*

*When Europeans entered the sub-continent, the Sanskrit was supreme religious and dominated language of the region. The books and dictionaries about language were available throughout sub-continent. It was also believed that Sanskrit was one of the ancient and richest languages, and all the other languages of the region were derived from it.*

*Dr. E. Trump, a German Scholar, who compiled and got published ever first edition of Shah-Jo-Risalo, also wrote ”A Grammar of Sindhi language “in 1872. He established that Sindhi and its sister languages were derived from Sanskrit. Taking it guidelines other European scholars also followed and preached that Sanskrit was mother of all languages spoken in the sub-continent.*

*After partition, Muslim writers led by Dr. N.A. Baloch propounded that Sindhi does not belong to Sanskrit origin but it relates to group of Semitic Languages-i.e. Arabic, Hebrew, Sooryani-etc. few researchers were of the opinion that Sindhi language belonged to Dravidian group of languages.*

*Sir Johan Marshal, who carried out the excavation at the archeological sites of Mohen jo Daro during 1922-1927, published three volumes on the civilization: Culture, status of living, patterns of production and Indus Script.*

*The world scholars who worked on decipherment of Indus Script like Dr. G.R Hunter, C.J Gaad, Earnest Macky concluded that Brahami Script had developed from Indus Script. Veds were written in the same Brahami Script. However, Indus Script is indigenous and no influence has been found from other languages of the same era. That thought gave an opportunity to the scholars of the land to revisit the theory about origin of Sindhi Language.*

*Mr. Siraj-ul-Haq Memon was carrying the same thought and he put forth his opinion on the papers. His opponents tried to pen down articles in the magazines and newspapers.*

*Mr. Siraj Memon on the basis of vast research wrote a book titled ‘Sindhi Boli’ (Sindhi Language) in 1964. For his book, he referred hundreds of books, magazines, manuscripts on the subject. He stayed at the site of Mohen-jo-Daro for many months. The conclusion of his theory reflects in:”Sindhi Language“ .He propounds that Sindhi is pure and Indigenous language of the land. It never remained part of any Perakirt as mentioned by various scholars who had established that Sindhi was derived from verachad Apbharansha.*

*According to him ”the Indus Script is yet to be deciphered, although I have tried to decipher few letters of Mohen-Jo-Daro Script, for that I am not sure but these seals could be deciphered by the help of indigenous scholars, because the phonetic and syntax system is quite different from other languages being spoken in the sub-continent“.*

*He further said:”The structural conjugation of Sindhi Language is quite different from its sister languages as the orientalists have established. There is no any similarity among morphemic and etymological structure of its contemporary lan-*


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

*guages. Sindhi is a pure language, free from foreign elements than any other of the North-Indian vernaculars".*

*Writer has elaborated all theories related to Sindhi language in this paper, and special attention is given to the theory of Mr. Siraj-ul-Haq Memon based on his above mentioned book and other published articles/papers.*

## پسمنظر

هر ٻوليءَ ۾ ڪنهن صنف کي پيش ڪرڻ جو پنهنجو نرالو انداز هوندو آهي. نظم يا شاعريءَ جي شروعات عام طور حمد ۽ نعت سان ڪئي ويندي آهي ته نثر جي واسطيدار مضمون جي تاريخ ۽ تشريح سان ڪئي ويندي آهي. ان حوالي سان سنڌي ٻوليءَ تي عربي، فارسي ۽ سنسڪرت جو چڱو اثر رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي ٻوليون سنڌ ۾ صدين کان درسي توڙي علم ادب ۽ لکپڙهه جون زبانون رهيون آهن. انگريزن جي دور ۾ مضمون نگاريءَ کي الڳ شعبي ۾ ورهايو، ان جا باقاعده پاڳا مقرر ڪيا ويا، جن جي پورائي لاءِ اڄائي ڊيگهه کي به برداشت ڪرڻو پوندو آهي.

انگريزن جي ئي دور ۾ 'سنڌي ادب' جون تاريخون، گرامر ۽ ڊڪشنريون لکجڻ ۾ آيون. انهن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته لڳ ڀڳ سڀني عالمن موضوعن جي شروعات سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي حوالي سان پئي ڪئي آهي. ان ڏس ۾ تحقيقي ڪم صحيح معنيٰ ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ڪيو، ڇاڪاڻ ته ڪيس لسانيات، لغات ۽ ڪيترين ئي ٻولين جي ڄاڻ هئي. ڪيس سنسڪرت، فارسي، عربي، عبراني، يوناني، لاطيني، سنڌي، هندي، پشتو ۽ ٻيون ٻوليون اينديون هيون. لسانيات جي مکيه شعبن Etymology ۽ Philology تي ڪيس عبور حاصل هو.

سنڌي سکڻ لاءِ هن باقاعده ڪوششون ورتيون، ڪيس ڪمشنر فريئر طرفان هڪ منشي به فراهم ڪيو ويو هو. جلد ئي هن سنڌي سکي ورتي ۽ ان جي لفظي ذخيري (Vocabulary) تي غور ويچار ڪرڻ لڳو. 'چرچ مشنري سوسائٽي' جي پيرنٽ ڪميٽي، جنهن ڪيس سنڌ ڏانهن عيسائيت جي تبليغ لاءِ موڪليو هو، ان کي 25 اپريل 1855ع تي موڪليل هڪ مراسلي ۾ لکي ٿو:

"هاڻي مان سنڌي ريڊنگ بوڪ تي ڪم ڪري رهيو آهيان، جنهن ۾ گرامر ۽ ٻيون وضاحتون به ڏئي رهيو آهيان. ان سان گڏ، هر هڪ لفظ جو ڌاتو به ڏئي رهيو آهيان





ته اهو لفظ ڪهڙي ٻوليءَ جو آهي: سنسڪرت، عربي، فارسي يا هنديءَ جو. اهوئي واحد طريقو آهي، جنهن سان مسئلي جو يقيني حل ملي ويندو. ان ڪانپوءِ گرامر ۽ ڊڪشنريءَ تي ڪم جي شروعات ڪندس. مونکي جيڪڏهن ڪميٽي (پيرنٽ) اجازت ڏئي ته سنڌي ٻوليءَ تي وڌيڪ ڪم ڪندس ۽ خاص طور تي سنڌي ڊڪشنريءَ لاءِ هڪ وڌيڪ منشيءَ جي ضرورت پوندي."(1)

گڏ ڪيل لفظن جي آڌار تي هن 'سنڌي ريڊنگ بوڪ' 1858 ڌاري لنڊن مان شايع ڪرايو ۽ 'سنڌي-انگريزي' اشتقاقي (Etymological) ڊڪشنري وڏي تحقيق سان تيار ڪئي، جيڪا 'ڄ' حرف تائين مڪمل ڪري سگهيو.(2)

انهيءَ ڪشالي مان هو سمجهي سگهيو ته سنڌي لفظن جو گهڻي ۾ گهڻو ذخيرو سنسڪرت ٻوليءَ مان آيو آهي. جڏهن ته عربي ۽ فارسي زبانن جا لفظ پوءِ واري دور ۾، ان ۾ شامل ٿيا آهن. ان آڌار تي هن پنهنجي راءِ جوڙي ورتي ته، سنڌي ٻولي سنسڪرت مان اسري نڪتي آهي. جڏهن ته ڪيس ڪجهه انوکا لفظ به نظر آيا، جيڪي ٻين پراڪرتن ۾ ڪين هئا. ان کانسواءِ ڪيس سنڌي ٻوليءَ جون ترڪيبون به نراليون نظر آيون، جن جي وضاحت لاءِ ڪيس Grammar of the Sindhi Language لکڻو پيو، جيڪو 1872 ڌاري شايع ٿيو. ان ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو:

"سنڌي ٻولي نج سنسڪرتي ٻولي آهي ۽ ٻين سڀني اتر هندستاني ٻولين جي ڀيٽ ۾ ٻاهرين اثرن کان نسبتاً آزاد رهي آهي. قديم پراڪرتن جي وياڪرڻ جي ماهرن پلي ئي اپڀرنشن لهجن کي (جن مان جديد سنڌي ٻولي ڦُٽي نڪتي) سڀني کان گهٽ درجو ڏنو هجي، پر جيڪڏهن اسان سنڌي ٻوليءَ جي ڀينر ٻولين سان (وياڪرڻ جي حوالي سان) ڀيٽ ڪريون ته بلاشڪ اها سڀني کان مٿاهين ڏسڻ ۾ ٿي اچي. ان جو قديم پراڪرت سان تمام ويجهو تعلق ٿو ڏسجي، بنسبت ان وقت جي مراٺي، هندي، گجراتي ۽ پنجابي زبانن جي. سنڌي ٻولي وياڪرڻ جي حوالي سان اهڙيون خاصيتون پاڻ ۾ قائم رکيون آهن، جيڪي ٻيون همعصر ٻوليون نه رکي سگهيون آهن، ڇاڪاڻ ته جتي هندستان جون لڳ ڀڳ سڀئي ٻوليون جن تباهين جو شڪار آهن ۽ جتي تباهه ٿيندڙ انهن ٻولين جون ذيلي شاخون مادري زبان جي صورت ۾ به غائب ٿينديون پيون وڃن، عين انهيءَ جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ پنهنجو مقام قائم رکيو آهي ۽ پنهنجي سڀني جزن جو بچاءُ ڪندي، پنهنجي لاءِ وياڪرڻ جو اهڙو نظام پيدا ڪيو آهي، جيڪو سنڌس



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سونهن ۽ سوپيا ۾ هڪ لازمي اضافو آهي ۽ جيڪو هن جي پينر ٻولين کان تمام گهڻو اڳتي نڪتل آهي.“ هو وڌيڪ لکي ٿو:

”جيڪي قانون پراڪرتي وياڪرڻي ماهر ڪرمديشور اپڀرنش بابت پيش ڪيا، اهي سنڌي ٻوليءَ ۾ ايا نظر اچن ٿا. جنهن ڪري سنڌي هڪ خودمختيار ٻولي آهي (جنهن جو جيتوڻيڪ پنهنجين همعصر ٻولين سان هڪ ڳانڍاپو آهي)، پر هن پنهنجي مادي تشخص کي قائم پئي رکيو آهي.“(3)

ڊاڪٽر ٽرمپ جي انهي عالمانه معياري تحقيق کي سنڌي عالمن نهايت تحسين جي نگاهه سان پئي ڏٺو آهي. هند سنڌ جو مشهور عالم ڏيارام وسڻمل، ’سنڌي نثر جي تاريخ‘ (مرتب: منگهارام ملڪاڻي) جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو:

”ٻئي يورپي عالم ڊاڪٽر ٽرمپ جا سنڌي ٻولي ۽ ساهت لاءِ ڪيل ڪشالا ۽ خدمتون ڪماليت جي درجي جون هيون. هن ٻه ٽي ڪتاب لکيا جن مان آخري ٻه اَملهه آهن، جي ايستائين ياد رهندا، جيستائين سنڌي ٻولي زنده ۽ قائم هوندي. اُهي هي آهن: (4)

Sindhi Reading Book-(1858)

Shah Jo Risalo- (1866)

Grammar of the Sindhi Language- (1872)

ڊاڪٽر ٽرمپ کان اڳ، ڪيپٽن اسٽئڪ، جنهن ’سنڌي رسم الخط‘ نئين سر جوڙڻ لاءِ نهايت اهم ۽ ابتدائي ڪم ڪيو ۽ ديوناگري خط اختيار ڪرڻ بابت تاريخي حوالا ڏنا ۽ سڀ کان پهريائين انگريزي-سنڌي ڊڪشنري (1849) ۽ سنڌي-انگريزي ڊڪشنري (1855) تيار ڪئي. ان صاحب 1847 ڌاري A Grammar of the Sindhi Language پڻ تيار ڪيو، جيڪو 1849 ڌاري شايع ٿيو، جنهن ۾ سنڌي لپيءَ بابت سنو بحث ڪيو ويو آهي ۽ ان جي مهڙ ۾ ڄاڻايو اٿس ته، ’سنڌي ٻوليءَ جون ڪيتريون ئي نمايان خوبيون آهن، جيڪي سڀ سنسڪرت مان ورتيون ويون آهن. ان جي لکت ٻه ڪاٻي کان ساڄي طرف آهي. مختلف علائقن ۽ قبيلن جا ماڻهو مختلف لهجا ڳالهائين ٿا.“(5)

ڪيپٽن اسٽئڪ پنهنجي ترتيب ڏنل گرامر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي جوڙجڪ، مصدر مان امر جوڙڻ جون واٽون، صفت ۽ ان جا قسم، ضمير ۽ ان جون





پڇاڙيون نهايت تفصيل سان سمجهايون آهن. هن سنڌي گرامر جي ترتيب انگريزي ٻوليءَ جي گرامر مطابق رکي آهي. اسٽئڪ صاحب سنڌي فعلن بابت پڻ گهرائيءَ سان ڪم ڪيو آهي. هو لکي ٿو:

”جيئن انگريزي ٻوليءَ ۾ اشتقاقي (Etymological) لغتون آهن، ساڳي نوعيت جي سنڌي لغت ترتيب ڏيڻ گهران ٿو. مون فعلن کي پنجن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي: (مصدري) Infinitive، (امري) Imperative، (بياني) Indicative، (امڪاني) Potential ۽ (شرطيه) Subjunctive. ساڳي صورت وارا فعل انگريزي ٻوليءَ ۾ ٻه آهن، سواءِ فعل امڪانيءَ جي، جنهن جي ٿوري وضاحت گهربل آهي.“ (6)

ڊاڪٽر ٽرمپ، ڪيپٽن اسٽئڪ جي گرامر مان مدد ورتي، جڏهن ته ان کانپوءِ جي سنڌي گرامر نويسن گهڻي قدر ڊاڪٽر ٽرمپ جي گرامر مان حوالا ورتا آهن. ڊاڪٽر ٽرمپ جي گرامر جي خاص خوبي اها آهي ته ان ۾ حوالا ’شاهه جي رسالي‘ مان ورتا ويا آهن.

جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته، سنڌ جي تاريخ، ادب، گرامر وغيره جي موضوعن جي ابتدا ۾ سنڌي ٻوليءَ جو سرسري ذڪر ڪيو ويندو هو ۽ روايتاً لکيو ويندو هو ته، سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتل آهي. اهڙي روايت سنڌي ادب بابت شايع ٿيل پهرين تاريخ، ’سنڌ جي ادبي تاريخ‘ جي مصنف خانبهادر محمد صديق ميمڻ ٻه ورجائي آهي. ڪتاب جي منڍ ۾ ’سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت‘ جي سري هيٺ ميمڻ صاحب لکي ٿو ته:

”قديم زماني کان وٺي هندستان جي جدا جدا ڀاڱن ۾، جي ٻوليون ڳالهائڻ ۾ پئي آيون آهن، تن جا نالا جدا جدا هئا، پر سنسڪرت جي عالمن انهن سڀني جدا جدا ٻولين کي يڪو نالو ڏنو هو ’پراڪرت‘ يعني اها ٻولي، جا ڪنهن قوم کي قدرتي طرح مليل هجي. سنڌ ٻه هندستان جو هڪڙو جزو آهي، تنهن ڪري اتي جيڪا پراڪرت ٻولي ڪم ايندي هئي، تنهن کي سنسڪرت جا عالم ’وراچڊ‘ سڏيندا هئا.

برهمڻن هڪ خاص ٻولي تيار ڪئي، جنهن ۾ ڌرمي ساهتيه قائم رکندا ۽ پڙهندا آيا ۽ برهمڻن کانسواءِ ٻي ڪنهن کي ان ٻوليءَ جي پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ جو حق ئي ڪونه هو. برهمڻ عالمن اها نئين ٻولي اهڙي تيار ڪئي، جا هندستان جي سڀني پراڪرت ٻولين جو مول يا بنياد ليکجڻ ۾ آئي ۽ ڪنهن ٻه ڌارين ٻوليءَ جو لفظ منجهس



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪونہ هو. ان ٻوليءَ جو نالو رکيائون ’سنسڪرت‘ يعني ڪامل بنايل يا پاڪ بنايل ٻولي. جهڙي طرح هندستان جي پراڪرت ٻولين جي ماءُ ’سنسڪرت‘ ليکجي ٿي، تهڙي طرح ’سنڌي ٻولي‘ بہ اصل ۾ سنسڪرت جي ڌيءُ آهي.“(7)

سنڌي نثر جي پهرين تاريخ، (مرتب: منگهارام ملڪاڻي) ۾ بہ ساڳي ڳالهہ ورجائي ويئي آهي. ملڪاڻي صاحب لکي ٿو تہ:

”آڳاٽن هندو راجائن جي سمي ۾ سنڌ جي اصلوڪي ٻولي قديم سنسڪرت (يعني سڌاريل ٻولي) سمجهي وڃي ٿي، جا براهمي آئيوپتا ۾ لکبي هئي. پوءِ چيو وڃي ٿو تہ ان مان بہ صورتون: پالي (جنهن ۾ ٻڌ ڌرم جا متا پاليل هئا) ۽ پراڪرت (يعني رواجي ٻولي) نهيون. هندستان تي راڄ ڪندڙ ٻوڌي راجائن جي زماني ۾، سنڌ ۾ ڪجهه قدر پالي ڪم ايندي هئي ۽ براهمڻ راجائن جي ڏينهن ۾ پراڪرت ڪتب ايندي هئي. پراڪرت، سنسڪرت جي سولي صورت هئي ۽ ديوناگري يا شاستري اکرن ۾ لکڻ ۾ ايندي هئي.“ (8)

انگريزن جي بہ اها ئي روش رهي. هڪ جائزي جي مطابق ٽيهن کان متي انگريز عالمن مختلف ڪتابن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بنياد بابت لکيو آهي ۽ تقريبن سڀني ساڳي ڳالهہ ورجائي آهي تہ، ”سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتي آهي.“ سنڌ ۾، اها روايت متي ذڪر ڪيل موضوعن جي ڪتابن ۾، لڳ ڀڳ سٺ واري ڏهاڪي تائين رهي، تان جو ان موضوع تي باقاعده هڪ علمي بحث ڇڙي پيو.

## سنسڪرت واري نظرئي جي چوٽ چڙهڻ جا هيٺيان مکيہ ڪارڻ هئا:

الف- يورپي عالم 18 صدي عيسويءَ ڌاري سنسڪرت لاءِ پنهنجي مستحڪم راءِ جوڙيو ويٺا هئا. جڏهن تہ سنڌ تي 1843ع ۾ قبضي کان پوءِ ڌيان ڏنائون. خاص طور موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان پوءِ ڪافي حقيقتون سامهون آيون، پر هو هڪ غير اهم ملڪ لاءِ ڪسابن کان قائم ڪيل پنهنجي برتريءَ وارن افسانن تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار نہ هئا.

ب- لسانيات، تاريخ، تحقيق بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ بنيادي ۽ ٺوس مواد موجود نہ هو.

ت- مٿين موضوعن تي انگريز عالمن سمجهداريءَ ۽ ڏاهپ سان اول ئي





ڪم شروع ڪري ڏنو هو. وٽن طريقو بہ هو تہ وسيلا بہ هئا.

ث- انهن ڪي هندستان ۾ ڊڪشنريون، تاريخ، گرامر جا جيڪي اهم ڪتاب هٿ آيا، سي سنسڪرت، هندي، عربي، فارسي وغيره ۾ لکيل هئا. بقول رچرڊ برٽن جي تہ، ڏيهي ٻولين ۾ ڪين سنڌيءَ ۾ ججهو مواد مليو، پر اهو شاعري ۽ لوڪ قصن تي ٻڌل هو. جڏهن تہ سنسڪرت ۽ پراڪرت ٻولين ۾ ڊڪشنريون، گرامر، تاريخ ۽ ٻين موضوعن تي شاندار ڪتاب موجود هئا.

ج- ڪيپٽن اسٽئڪ جڏهن سنڌي ٻوليءَ بابت گرامر ترتيب ڏيئي رهيو هو تہ هن مڪاني ماڻهن سان، ان موضوع تي ڳالهايو. سندس چوڻ مطابق ڪيس هڪ بہ اهڙو ماڻهو نہ مليو، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي گرامر بابت ڪا ٿوري گهڻي ڄاڻ رکندڙ هجي، ايتريقدر جو مڪاني ماڻهن ان موضوع بابت ڪيس ڪا دلچسپي بہ نہ ڏيکاري.

ح- انگريز عالمن سنسڪرت بابت جيڪو رايو رکيو، اهو مجموعي طور لفظن جي ذخيري تي آڌاريل هو. وري بہ ڪين شابس آهي جو هنن سنڌي ٻوليءَ جي جوڙجڪ ۽ سرشتي بابت تفصيل سان لکندي، اهو ور ور پئي ورجايو آهي تہ سنڌي ٻولي پنهنجي نرالي سِٽاءَ سبب پنهنجو مقام قائم رکيو آهي ۽ پنهنجن سڀني جزن جو بچاءُ ڪندي، پنهنجي لاءِ وياڪرڻ جو اهڙو نظام پيدا ڪيو آهي، جيڪو سندس سونهن ۽ سوڀيا ۾ هڪ لازمي اضافو آهي ۽ جيڪو هن جي ڀينر ٻولين کان تمام گهڻو اڳتي نڪتل آهي.

انهن راين کان علاوه سنڌي ٻوليءَ جي بنياد بابت سنسڪرت واري راءِ کي هٿي بنيادي طور هيٺين ٽن اهم ڪتابن ڏني:

جيمس ميڪمرڊو (James McMurdo) جو سنڌ بابت ڪتاب McMurdo's Account of Sind

ميڪمرڊو سنڌ جي تاريخ ۽ ٻين موضوعن بابت تفصيل سان لکيو، جنهن کي رائل ايشياٽڪ سوسائٽي پاران 1834ع ۾ شايع ڪيو ويو. بعد ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ آڪسفورڊ پريس وارن اهو ڪتاب ڇاپيو. جيئن تہ هي ڪتاب سنڌ جي احوال بابت نهايت آڳاٽو لکيل آهي، ان ڪري بعد ۾ ايندڙ انگريز ليکڪن کي بنيادي ڄاڻ فراهم ڪري ٿو. هو سنڌي ٻولي ۽ سنڌي اسڪرپٽ بابت لکي ٿو تہ، ”سنڌ ۾ عام طور بہ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. انهن مان هڪ تہ سنڌي آهي، جيڪا سنڌ جي اصلي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۽ بنيادي ٻولي آهي. ٻي ٻاروچي ٻولي آهي، جيڪا لکيل صورت ۾ ڪانه ٿي ملي، پر مونکي ڪٿي ڪٿي عربي رسم الخط ۾ لکيل نظر آئي آهي. جيئن مان مٿي چئي آيو آهيان ته سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي موجود آهي ۽ ان کي پنهنجي الف - ب آهي. مان ان جي ٿوري ڄاڻ به رکان ٿو. معلوم ائين ٿئي ٿو ته اها ڄڻ سنسڪرت جي هڪ شاخ آهي، جنهن هندستان کي ٻيون ڪيتريون ئي ٻوليون ڏنيون آهن. مان هتان جي ڪن عالمن سان هن ڳالهه ۾ سهمت آهيان ته سنڌي ٻولي سنسڪرت مان ڦٽي نڪتي آهي. ساڳئي ذريعي جي آڌار تي مان چئي سگهان ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ گجراتيءَ کان وڌيڪ سنسڪرتي لفظ موجود آهن ۽ ٻيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ نئين دور سان لاڳاپيل نوان لفظ گهٽ آهن. مون کي اها ڳالهه به محسوس ٿئي ٿي ته هن جي ڪن لفظن جا اصل بنياد هڪ جهڙا آهن، پر ٻوليءَ جي سڀني لفظن ۾ هڪجهڙائي ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي.“

**ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو سنڌي ٻوليءَ بابت گرامر (A Grammar of the Sindhi Language):**

اهو ڪتاب 1872 ۾ شايع ٿيو. ان ۾ ڊاڪٽر صاحب نهايت تفصيل سان سنڌي ٻوليءَ جي جوڙجڪ، صرفي ۽ نحوي ترڪيبن کانسواءِ ان جي بنياد، سرشتي ۽ لفظي گهاڙيٽن تي لکيو آهي. انهيءَ عالمانه تصنيف کي هند سنڌ ۾ تمام گهڻي ۽ سٺي موٽ ملي. سون تي سهاڳي مثل ڊاڪٽر صاحب پنهنجي گرامر ۾ تقريباً سڀ مثال شاهه سائين جي رسالي مان ورتا آهن. ’رسالي‘ کي سنڌي علم ادب ۾ نهايت مٿانهون مقام حاصل آهي ۽ ڏيهي ماڻهن جي سڀني طبقن ۾ هڪجهڙو مقبول آهي. هڪ طرف ڊاڪٽر ٽرمپ جي لسانيات ۾ مڃيل حيثيت ۽ عالمانه تحقيق ته ٻئي طرف رسالي مان ورتل مثالن ڪتاب جي اهميت کي مٿاهين مقام تي پهچايو.

**سر گريئرسن جو برصغير جي ٻولين بابت لسانياتي جائزو (Linguistic Survey of India. Vol. viii, Part-1):**

هي جائزو پهريون ڀيرو 1919 ۾ شايع ٿيو. جيئن ته سر گريئرسن پوري هندستان جي اهم ٻولين جو لسانياتي جائزو پيش ڪيو هو. ان پٽاندر سندس راءِ کي وڏي اهميت حاصل هئي. هن صاحب به سنڌي ٻوليءَ کي اپڀرنش پراڪرت، وراچڊ جي





شاخ سڏيندي، سنسڪرت سان ملايو آهي. سندس سامهون پراڪرت وياڪرڻ جي ماهر مارڪنڊيه جا رايا آهن. سر گريئرسن، ڊاڪٽر ٽرمپ جا به حوالا ڏنا آهن.

هن لسانياتي جائزي جي اشاعت وڏي حد تائين عام عالمن کي متاثر ڪيو ۽ وٽن اها راءِ پختي ٿي ويئي ته سنڌي ٻولي سنسڪرت مان نڪتي آهي.

اها ٻي ڳالهه آهي ته ائين جلد، جنهن ۾ سنڌي ٻولي ۽ لهندا جو ذڪر ڪيو ويو آهي، کان اٺ سال پوءِ 1927 ڌاري ساڳي سروي جو جلد پهريون شايع ٿيو، جنهن ۾ سر گريئرسن ٻولين جي خاندانن بابت وڌيڪ تحقيق سان وضاحتون پيش ڪيون آهن. ان ۾ هن سنسڪرت ٻوليءَ جي باري ۾ راءِ تبديل ڪئي آهي، جنهن مطابق سنسڪرت ٻوليءَ کي آرين جي اصلوڪي زبان نه، پر ان (سنسڪرت) کي سنڌو-تهذيب جي اتر-اولهه طرف سنڌوءَ ڪناري تي روزانو وهنوار ۾ ايندڙ پراڪرت جي هڪ لهجي ’اڌيچه‘ جي به هڪ شاخ جو سڌاريل ۽ سنواريل روپ بيان ڪيو آهي.(9)

جيتوڻيڪ سنڌ جو سماج لبرل ۽ صوفي مت تي ويساهه رکندڙ رهيو آهي، سنڌ تي هندو راجائن به راڄ ڪيو آهي ته مسلمان حڪمرانن به حڪومت پئي ڪئي آهي، منجهن مذهبي مت ڀيد ڪڏهن به نه رهيو آهي. ان جو وڏو ساکي شاهه لطيف رهيو آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ ٻئي رخ پسي سگهجن ٿا.

البت انگريزن جي دور ۾، هڪ چال سبب هندو- مسلم ويڇا نظر اچن ٿا. هڪ انگريز عالم ڪيپٽن اسٽئڪ وڏي جاکوڙ سان ديوناگري لپيءَ جي باري ۾ دليل ڏنا ۽ موجوده عربي- سنڌي لپي جڙڻ کان اڳ پنهنجا به ڪتاب: سنڌي ٻوليءَ بابت گرامر ۽ انگريزي- سنڌي ڊڪشنري ديوناگري لپيءَ ۾ شايع ڪرايا ۽ سنڌ جي ڪمشنر مسٽر آر- ڪي پرنگل کان ان جي حق ۾ نوٽيفڪيشن به ڪڍرايو، پر وري اڳتي هلي ڪيپٽن رچرڊ برٽن سڀني دليلن کي رد ڪندي ’عربي- سنڌي‘ رسم الخط پرنگل کان پوءِ ايندڙ ڪمشنر سر بارٽل فريئر جي معرفت ڪمپني سرڪار کان منظور ڪرايو. انهيءَ فيصلي هندو ڪميونٽي تي ناڪاري اثر ڇڏيو. مٿان وري ان رسم الخط ۾ جيڪي درسي ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا، انهن ۾ به اسلامڪ آئيڊيالاجيءَ جي جهلڪ واضح نظر اچڻ لڳي، جنهن تي وڏا گوڙ ٿيا. ٻئي طرف مسلمانن کي وري اهي اعتراض ٿيڻ لڳا ته ڪتابن ۾ هندڪا نالا گهڻا آهن، گويا اهي ڪتاب لکيا ئي هندن واسطي ويا آهن. انهيءَ معاملي کي سلجهائڻ واسطي 1905 ۾ هڪ ڪميٽي درسي ڪتابن جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سڏاري لاءِ پوني ۾ نهي هئي، جنهن جو پريزيڊنٽ مسٽر ڪوورنٽن هو. (10)

درسي ڪتاب تہ درست ٿي ويا، پر دليون دور ٿينديون ويون. هندن ڄاڻي واڻي هندي/سنسڪرت کي اهميت ڏني تہ مسلمانن وري عربي/فارسيءَ کي. ان جهيڙي جي جهلڪ سنڌي ٻوليءَ بابت جڙندڙ گرامرن ۾ ڏسي سگهجي ٿي. هندن 'وياڪرڻ' لکيا ۽ سنڌي گرامر کي پراڪرتن جي اصولن آڌار بيهاريو تہ مسلمانن وري ان کي 'صرف و نحو' جو نالو ڏيئي عربي فارسي گردانن مطابق بيهاريو. ان تي تفصيل سان راقم 'سنڌي رسم الخط جي انگريزن جي دور ۾ اوسر' (پي ايچ ڊي جي ٿيسز) ۾ لکيو آهي.

سنسڪرت کي جيئن تہ هندن وٽ ڌرمي تقدس حاصل هو، ان ڪري هند سنڌ جي مشهور هندو ليکڪن ان کي هٿي وٺرائي، جن ۾ ڏيارام وسڻ مل، ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، منگهارام ملڪاڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڪشنچند جيٽلي وغيره اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ تہ باقاعده وڏي جاکوڙ ڪان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سٽاء، صرفي ۽ نحوي ترڪيبن ۽ لهجن بابت هڪ تحقيقي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' لکيو، جيڪو 1941ع ڌاري شايع ٿيو. ان ۾ ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو تہ، "سنڌي ٻوليءَ جو اصل نسل هن ريت آهي:

سنسڪرت - پراڪرت - شؤرسيني - وراچڊ - سنڌي. "(11)

ڪاڪي مٿي ڄاڻايل خاڪي تي تاريخي حوالن سان چڱيءَ طرح روشني وڌي آهي. ان ۾ نہ صرف سنسڪرت جي مختلف دورن جو ذڪر ڪيو آهي، پر ان جي لساني جاگرافيءَ تي پڻ روشني وڌي اٿس. ان ڪان سواءِ پراڪرت جي مختلف محاورن: شؤرسيني، اپڀرنش ۽ وراچڊ جي علمي ۽ سماجي ماحول تي پڻ تفصيل سان لکيو اٿس.

سنسڪرت واري نظرئي جي نفي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي. هن ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت پهريون مقالو 'سنڌي ادبي ڪانفرنس' (لاڙڪاڻو) ۾ پڙهيو. بعد ۾ اهو مقالو ٽماهي مهراڻ 1955ع ۾ ڇپيو، جنهن کي پوءِ ڊاڪٽر صاحب لڳاتار وڌائيندو رهيو. 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ' جي ٻي اشاعت ۾ ڊاڪٽر صاحب سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ اوسر بابت لکي ٿو تہ:

"مٿئين تجزيي، تحقيق، دليلن ۽ مثالن جي بناءَ تي اسان هيٺين نتيجن تي پهچون ٿا: سنڌ جي قبل –از-تاريخي قديم تهذيب جي ٻولي جا آثار 'مُئن جي دڙي' جي ڪنڊرات مان مليل مُهرن ۾ محفوظ آهن. انهيءَ قبل –از-تاريخي قديم ٻوليءَ جي





حقيقت معلوم نہ ٿي سگهي آهي، ٿي سگهي ٿو تہ اها ڪا 'سامي صفت' ٻوليءَ هجي، جيڪا عراق جي قديم 'سميري تهذيب' جي ٻوليءَ جي ساٿياري هئي. مقامي طور، ان جي دراوڙي سلسلي سان نسبت ٿي سگهي ٿي. موجوده سنڌي ٻولي سنئون سڌو سنسڪرت مان نڪتل ناهي، بلڪ سنسڪرت ڪان بہ اڳ واري مقامي پراڪرت يا پراڪرتن مان اُسري. اها 'هند-آريائي' ٻولي آهي، 'لهندا' (سرائڪي – بهاولپوري – ملتاني – ديري والي – هندڪو)، 'ڪشميري' ۽ اترئين سنڌو ماٿريءَ جون 'داردي' ٻوليون، ان جون ڀينرون آهن. ٻودباش جي لحاظ سان اهي مڙيئي سنڌو ماٿر جون آڳاٽيون 'هند- آريائي' ٻوليون آهن؛ پر سٽاءَ ۽ تاريخي ارتقاء جي لحاظ سان اهي هن برعظيم جي ٻين 'هند- آريائي' ٻولين ڪان نراليون آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جي بناوٽ ۽ اوسر ۾ مُنڊا ۽ دراوڙي ٻولين ڪان سواءِ هند – ايراني ۽ اولهہ ڪان ٻين داخل ٿيندڙ ٻولين جي اثر کي پڻ دخل آهي. سنڌي انهيءَ 'وراچڊ اپڀرنش' مان نڪتل ڪانهي، جنهن جو اڳين نحوين ذڪر ڪيو آهي. سنڌيءَ جو خمير سنڌ جي سر زمين ۾ تيار ٿيو: ان جو بڻ بنياد ان جو پنهنجو موروثي سرمايو ئي آهي، جنهن جي تاريخ سنسڪرت ڪان اڳ واري 'پروٽو-پراڪرت' يا 'پهرين – پراڪرت' تائين پهچي ٿي". (12)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي پنهنجي ليکي سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ ٻوليءَ بابت وڏي ڪوجنا آهي ۽ ورهين ڪان انهن موضوعن تي لکندو رهيو آهي. سندس مقالا خاص طرح ان دور ۾ مهراڻ ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي لکڻ لاءِ وٽس ٻين سببن ڪان علاوه هڪ وڏو محرڪ اهو هو تہ اڪثر هندو محققن سنسڪرت واري نظرئي جو وڏي پيماني تي پرچار ٿي ڪيو، جيڪا ڳالهہ مسلمان عالمن، خاص طور ڊاڪٽر بلوچ جي مکتبۂ فڪر وارن لاءِ هضم ڪرڻ ڏکي ٿي لڳي. ٻيو تہ ڪيترن ئي انگريز محققن پنهنجي تحقيق دوران اهڙا اهڃاڻ ڇڏيا، جن تي ويچار ڪرڻ سان، سنسڪرت واري نظرئي جي نفي نظر ٿي آئي، جنهن ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، ڪالڊ ويل سان گڏ، جارج شرٽ جا ڄاڻايل نڪتا وڏي اهميت رکن ٿا.

جارج شرٽ، جنهن اڌارام ٿانور داس ۽ مرزا صادق علي بيگ سان گڏجي سنڌي ٻوليءَ جي ڊڪشنري (1879) لکي هئي، تنهن 'سنڌيءَ ۾ دراوڙي جزن جا اهڃاڻ' جي موضوع تي هڪ تفصيلي مقالو لکيو هو، جيڪو انڊين اينٽيڪٽيز جي پرچي ۾ 1878ع ۾ شايع ٿيو هو. ان ۾ شرٽ صاحب جيڪي نڪتا پيش ڪيا هئا، تن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بابت ڊاڪٽر بلوچ صاحب چنڊچاڻ سان پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' ۾ بحث ڪيو آهي ۽ ان جي آڌار هن سنڌي ٻوليءَ کي پروٽو-پراڪرت ۽ سامي سٽ جي زبان ڪوٺيو آهي. شرٽ صاحب جي ڇهن دليلن مان پهرين دليل تي لکندي ڊاڪٽر صاحب فرمائي ٿو ته:

"هن دليل تي تنقد: اول ته خود ڪالڊويل جي لکڻ موجب تيلگو، تامل يا ڪينري ٻولين ۾ لفظن جي آخر ۾ حرف تي ننڍو خفيف پيش هوندو آهي، جو لکجي ٿو، پر ڳالهائجي ڪونه ٿو. ان جي برعڪس سنڌيءَ ۾ نه صرف اسمن جي آخر ۾ زير، زبر، پيش يا الف، و، ي اچن ٿا، پر اهي حرڪتون مختلف حالتن ۾ (فاعلي، مفعولي، اضافي ۽ جري) ۾ ڦرن ٿيون، يعني ته سنڌيءَ ۾ 'اعراب' جو هڪ وسيع نظام موجود آهي، جيڪو يقيني طور عربيءَ جي اثر جو نتيجو آهي. مگر انهيءَ مشترڪ خصوصيت سببان ايئن ڪونه چئبو آهي ته ڪو سنڌي ٻولي عربي مان نڪتي آهي. شرٽ جي دليل جي بنا تي، سنڌيءَ جو دراوڙي زبانن جي بجاءِ عربيءَ مان نڪرڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو". (13)

ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ دليلن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لغت، صرف ۽ نحو تي بحث ڪيو آهي، جيڪو ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ متواتر صفحي 15 تائين هلي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جاچڻ لاءِ عالمن پاران ٻولين جي لفظي ذخيري (Vocabulary) تي آڌار ڪيو ويو. لفظن جا ڌاتو جاچيا ويا ته سندن بنياد ڪهڙي ٻوليءَ جو آهي. جيئن اڳ ذڪر ڪيو ويو آهي ته، ان دور ۾ سنسڪرت زبان ۾ شاندار ڊڪشنريون موجود هيون، جڏهن ته ڏيهي ٻولين بابت نه ته معياري گرامر موجود هئا نه وري لغتون. سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن موضوعن بابت ڪو نالي ماتر به مواد موجود نه هو. عرب سياحن جون عربي/فارسيءَ ۾ تاريخون هيون، جن ڏانهن انگريز عالمن جون نظرون ڪونه ويون. ان ڪري خاص طور انگريز عالمن سنڌي ٻوليءَ جي بنياد بابت ڪڏهن اهو سوچڻ جي ضرورت ئي محسوس ڪا نه ڪئي ته اُها به ڪا غير آريائي ٿي سگهي ٿي!

حقيقت اها آهي ته ٻوليءَ جي بنياد بابت ويچار ڪرڻ وقت پيٽ ۾ ايندڙ ٻولين جي لفظي ذخيري سان گڏ، انهيءَ جي سٽاءَ (Structure) تي ڌيان ڏيڻ بيحد ضروري آهي. ان حوالي سان سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت محترم سائين ڊاڪٽر غلام علي





الانا صاحب نهايت اهم ڪم ڪيو آهي. سندس تحقيقي مقالو ٽماهي مهراڻ ۾ 1967ع ڌاري سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد بابت شايع ٿيو. ان وقت انگريز عالمن جا ڪتاب، مقالا، ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جي تصنيف 'سنڌي ٻولي جي تاريخ' ڊاڪٽر بلوچ جو ٻوليءَ بابت ڪتاب ۽ محترم سائين سراج الحق ميمڻ جو ڪتاب 'سنڌي ٻولي' سندس سامهون هئا. مقالي ڪان پوءِ ان موضوع تي سندن ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' 1974ع ڌاري شايع ٿيو، ان ۾ ڊاڪٽرالانا صاحب پنهنجي خيالن جو اظهار هيٺينءَ ريت ڪيو آهي:

"مٿي سنڌي، سنسڪرت ۽ دراوڙي ٻولين جي پيٽ ۾ اڀياس ڪان پوءِ، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ جيڪي نتيجا نڪرن ٿا، سي هي آهن:

1. آرين جي اچڻ ڪان اڳ برصغير ۾ دراوڙي ٻوليون چالو هيون، انهيءَ ڪري چئبو ته، سنڌو ماٿر ۾ به آرين جي اچڻ ڪان اڳ ڪا غير- آريائي ٻولي چالو هئي. انهيءَ آڌار تي چئبو ته، موهن جي دڙي واري ٻولي به ڪا قديم دراوڙي ٻولي هئي.
2. موهن جي دڙي واري قديم تهذيب ۽ قديم ٻولي، دراوڙي تهذيب ۽ دراوڙي ٻوليءَ جي نشاني آهي.
3. سنڌي ٻوليءَ جو صوتياتي نظام، دراوڙي ٻولين جي صوتياتي نظام سان هڪجهڙائي رکي ٿو.
4. سنڌي ٻوليءَ جي صرفيائي ۽ نحوي سٽاءَ، دراوڙي ٻولين جي صرفيائي ۽ نحوي سٽاءَ ۾ هڪجهڙائي آهي.
5. سنڌي ٻولي بنيادي طور غير- آريائي ٻولي آهي، جنهن کي سئندوَ ٻولي يعني سنڌي ٻولي چئي سگهجي ٿو، جا بنيادي طور توراني ٻولين جي خاندان سان واسطو رکي ٿي.
6. مختلف ٻولين جي اثر جي باوجود سنڌي ٻوليءَ جو صرفي ۽ نحوي سٽاءَ گهڻو ڪري ساڳيو رهيو، البت ٻوليءَ جو لفظي خزانو گاڏڙ بڻجي ويو.

مٿين نتيجن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته، سنڌي ٻولي غير – آريائي ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون موهن جي دڙي جي قديم تهذيب ۾ ڪتل آهي ۽ جيڪا ساڳي موهن جي دڙي واري قديم ٻولي آهي، جا سئندوَ > سئندوي >سندوي مان



Shah Abdul Latif Bhittai Chair

روپ بدلائيندي سنڌي سڏجڻ لڳي آهي؛ جا مختلف ٻولين کان اثر وٺندي، جيئندي، پنهنجن خوبين ۽ انوکين ڳالهين کي پاڻ بچائيندي ۽ محفوظ رکندي، اڄ بہ پنهنجي انفراديت قائم رکيو بيٺي آهي".(14)

محترم سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي اها خوبي آهي تہ هو سنڌي ٻوليءَ جي مختلف موضوعن تي لڳاتار تحقيق ڪندو رهي ٿو ۽ لکندو رهي ٿو. ٻوليءَ جي بڻ بابت سندس پهريون ڪتاب اهو آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي، ان کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي نئين تحقيق جي بنياد تي پنهنجي راءِ ۾ تبديلي ۽ ترميم ڪئي. سندن اها راءِ پوءِ وارن سمورن ڪتابن ۾ واضح آهي. جن مان ڊاڪٽر صاحب Origin and Growth of Sindhi Language لکيو، جنهن ۾ پڻ تفصيل سان سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل بابت ڄاڻ ڏني اٿائون. ان موضوع تي ڊاڪٽر صاحب جو نهايت تحقيق ۽ تفصيل سان ڪتاب 'سنڌو ٻوليءَ جي ارتقا' سنڌي لينگويج اٿارٽي پاران 2006 شايع ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پاران سندن ڪتاب 'Sindhi Language and literature at a glance' (2009) شايع ٿيو، جنهن کي هند، سنڌ جي عالمن ساراهيو آهي. سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا جي 'مهاڳ' ۾ سندس وڏي تعريف ڪئي آهي. سراج صاحب لکي ٿو تہ:

"ان سلسلي کان سواءِ معياري سنڌيءَ جي اوسر بابت بہ ڊاڪٽر الانا جي تحقيق نہ رڳو ڪي نوان گوشا سامهون آندا آهن ۽ ٻوليءَ لاءِ غلط مفروضن کي ريٽڻ لاءِ بہ چڱو خاصو مواد ڪٺو ڪيو اٿس. قاضي قادن، مخدوم اسماعيل سومري، لطف الله قادري، شاهہ ڪريم، مخدوم نوح وغيره جي ٻوليءَ جي مثالن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻولي ڳچ وقت کان پنهنجي ڳالهائيندڙن جون نہ رڳو روحاني ضرورتون پوريون ڪرڻ جي صلاحيت رکندي آئي هئي، پر دنيوي ضرورتن: وڻج واپار، ذاتي ۽ واپاري لک پڙهہ توڙي تعليم ۽ تدريس لاءِ اعليٰ نثر ۽ نظم جو ايترو تہ ذخيرو وٽس موجود هو، جو دنيا جي ڪنهن بہ زبان سان ان جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ خاص ڪري ان ڳالهہ ڏانهن الانا صاحب جو اشارو بنهہ موزون آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ تہ اسان عربي – فارسي صورتخطيءَ ۾ لکيل نسخن مان ڪنيو آهي، پر سنڌ ۽ هند ملڪ بلڪ دنيا جي لئبررين ۾ ناگرڪ ۽ ٻين صورتخطين ۾ الاهي ڪيترا سنڌي ڪتاب پيا





آهن، جن کي منظر تي آڻڻ نهايت ضروري آهي." (15)

ڊاڪٽر الانا صاحب ان ڪتاب ۾ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ تهذيب بابت انتهائي اهم ۽ ناياب مواد ڏنو آهي، جنهن کي جديد نظرين جي تناظر ۾ ڏسڻ جي سخت ضرورت آهي. ڊاڪٽر صاحب مختلف دورن جي تاريخي اڀياس کان پوءِ هاڻي ان نتيجي تي پهتو آهي تہ: "جيڪڏهن انهن ماهرن جا ڪڍيل نتيجا صحيح آهن ۽ سندن طرفان مقرر ڪيل ملهہ قبول ڪرڻ جهڙا آهن تہ پوءِ ائين چئبو تہ سنڌو ماٿر واريءَ تهذيب ۾ جيڪا ٻولي رائج هئي، سا يقيناً 'سئنڌوئي' ٻولي هئي، جيڪا سنڌيءَ، هنديءَ ۽ آڳاٽين دراوڙي ٻولين ۽ ٻين مڪاني ٻولين جي 'ماءُ' هئي، جنهن تي پوءِ ڌار ڌار تهذيبن، تمدن ۽ ٻولين جو اثر پيو." (16)

## سراج صاحب جو ٻوليءَ بابت نظريو:

ٻوليءَ جي اصل نسل بابت لکڻ وقت هيٺين مکيہ ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ تمام ضروري آهي:

i. ٻوليءَ جي تاريخ
ii. تهذيبي ورثو
iii. لفظن جي ذاتن جي اوسر ۽ لفظن جو ڦهلاءُ
iv. وياڪرڻي ڇنڊ ڇاڻ

سنڌي ٻوليءَ جي بنياد بابت هن وقت تائين جن عالمن جو ذڪر ڪري آيا آهيون، تن مان خاص طور ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، ڀيرومل مهرچند آڏواڻي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب مٿي ذڪر ڪيل بنيادي ڳالهين جو ڪنهن حد تائين خيال رکيو آهي، پوءِ ڪن پهرين نڪتي کي وڌيڪ اهم سمجهيو آهي تہ ڪن وري آخري ٻن نڪتن کي، جڏهن تہ محترم سائين سراج صاحب مٿي ڄاڻايل مکيہ ڳالهين تي تفصيل سان لکڻ سان گڏ، ضمني طور ڪوڙ ساريون ٻيون ڳالهيون بہ درج ڪيون آهن، جيڪي لسانيات، تاريخ ۽ تهذيب جي تشريح ڪن ٿيون.

سراج صاحب کي ڏک اهو آهي تہ عالمي سطح جي ڪيترن ئي مڃيل محققن سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد ۽ جوڙجڪ (Structure) تي جيڪو ڪم ڪيو آهي، اهو گهڻي ڀاڱي تنگ نظري، مذهبي تعصب ۽ جاتي فخر جي پاڇي ۾ ڪيو ويو آهي،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صرف ہن يا ٽن عالمن تعصب جي عينڪ لاهي، سنڌي ٻوليءَ بابت تمام ٿوريون ڳالهيون پڌريون ڪيون آهن، جن جو ذڪر سراج صاحب مختلف بابن ۾ ڪيو آهي. جيتريقدر تاريخ جو تعلق آهي ته سراج صاحب پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻولي' ۾ جابجا تاريخي حوالا ڏيئي، حقيقت تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

پنهنجي ٻوليءَ کي متاهون مقام ڏيارڻ لاءِ هر قوم پنهنجي ليکي آفاقي نظريا پئي گهڙيا آهن، تن بابت شروع واري باب ۾ سراج صاحب لکي ٿو ته، "سترهين صديءَ ۾ علم لغت جي هڪ سويڊش ماهر اهو نظريو پيش ڪيو ته، ڪائنات خلقڻ وقت الله سائين سويڊش زبان ۾ ڳالهايو. حضرت آدم ڊئنش ٻوليءَ ۾، شيطان فرينچ ۾ ڳالهايو. مسلمانن جو اهو عقيدو آهي ته، حشر جي ڏينهن پچاڻو عربي زبان ۾ ٿيندو. هندن ۾ وري عقيدو آهي ته برهما (ؒ) ۽ ايشور ته ٺهيو، پر سمورن ديوتائن ۽ اوتارن جي ٻولي سنسڪرت آهي. 1934ع ۾ ترڪيءَ ۾ اتان جي ماهرن جي هڪ ڪانفرنس ٿي هئي، جنهن ۾ يڪراءِ اهو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو ته دنيا جي سمورين ٻولين جي ماءُ ترڪي آهي". (17)

پنهنجي ٻوليءَ کي سيني ٻولين کان اُتم ۽ پاڪ پوتر سمجهڻ تقريباً هر قوم جو نسلي گڻ رهيو آهي. ٻوليءَ جي هڪ جرمن ماهر مئڪس ملر، جنهن ويدڪ ساهت جي ڪجھ حصي جو ترجمو ڪيو هو، ان پنهنجي ڪتاب 'Biographics of Words and the Home of the Arya' ۾ جن ٻولين کي هند-يورپي (Indo-European) ۽ هند — جرمن ٻوليون سڏيو ويندو هو، تن کي 'آريائي ٻوليون' لکيو. سندس اهي لفظ هئا ته، "آريا اُهي آهن، جيڪي آريائي ٻوليون ڳالهائين ٿا." (سراج- ص: 143)

مئڪس جي انهي سوچ يورپ جي مختلف قومن کي شهه ڏني، تن ڪوٺي سوٽي انهيءَ تصور کي پوري دنيا ۾ ڦهلايو. بقول سراج صاحب جي ته، "انهيءَ سچي تحريڪ جي پسمنظر ۾ جرمن نسلي امتياز جي پاليسي هئي، پر جڏهن جرمن ماهرن، خود مصلحت جي بنا تي ان هٽرادو نسل کي خالص جرمن سڏڻ بدران اتر يورپي سڏڻ شروع ڪيو، تڏهن ٻين يورپي ملڪن جي ماهرن به ان کي پنهنجو ڪرڻ ۾ ڪو اهم نه سمجهيو. جيئن اليگزينڊر موئر چوي ٿو ته، "اهو سمورو من گهڙت قصو جرمن ورڪشاپ ۾ تيار ٿيو، جتان پوءِ انگلينڊ ۽ آمريڪا جي ماهرن ڪنيو." (سراج - ص: 144)





اها ساڳي ٿيوري هئي، جڏهن جيمس ميڪمرڊو (James McMurdo)سنڌ بابت 1834ع ڌاري ڪتاب لکيو ۽ ان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڄاڻايائين ته، 'اها سنسڪرت مان ورتل آهي' ته ان سوچ جي تشريح ۽ وضاحت لاءِ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ تفصيل سان سنڌي ٻوليءَ بابت گرامر لکيو، تنهن ۾ پڻ ڄاڻايائين ته سنڌي سنسڪرت مان نڪتي آهي. ان تصور هند سنڌ جي هندو عالمن کي ايترو ته متاثر ڪيو، جو اينڊڙ وقتن ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ويا، تن ۾ لازمي طور اهو ڄاڻايو ويندو هو ته، سنڌي ٻولي ڪن پراڪرتن وسيلي سنسڪرت مان نڪتي آهي. جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته، سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر، لغت بابت ڪوبه ٺوس مواد موجود ڪونه هو، ان ڪري سڀ ڪنهن اهو ئي ڄاتو ته، سنڌي واقعي سنسڪرت مان ورتي ويئي آهي. جيئن ته سنسڪرت هندن جي ڌرمي ۽ پاڪ پوتر ٻولي ٿي ڄاتي ويئي، ان جي رد عمل ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌيءَ جو تعلق اسلامي مذهب جي عربي ٻوليءَ جي هم نسل ٻولين 'سامي ست' سان ملايو.

### ii• تهذيبي ورثو:

تاريخي طور قديم ٻولين جو الڳ تهذيبي ورثو ٿئي ٿو، جيڪو هزارين سالن تي ڦهليل هوندو آهي. جنهن دوران ٻوليون اسرنديون نسرنديون رهن ٿيون. نين ايجادن، هنرن، ٻين قومن سان ثقافتي ۽ وڻج واپار وارن لاڳاپن سبب نوان لفظ ۽ محاورا جوڙينديون رهن ٿيون. سنڌي ٻولي به انهيءَ وهڪري مان گذري، هزارين سالن جو سفر طئي ڪندي، هن منزل تي پهتي آهي. ڪي عالم، موهن جي دڙي واري ٻوليءَ کي ابتدائي ۽ نامڪمل زبان سمجهن ٿا، پر اسين ان کي ان دور جي مڪمل زبان سمجهون ٿا، جنهن جا چٽا آثار اسان کي ان دور جي سماجي حالتن مان واضح طور ملن ٿا. جنهن ۾ موهن جي دڙي جي مرڪزي حڪومت جا ٻيا پرڳڻا (Regions) هڙاپا، لوٿل، چاهون جو دڙو، جهڪڙ، آمري، ڪوٽ ڏيجي هئا. مرڪزي حڪومت جا مصر، عراق، بابل ۽ هند جي ٻين ملڪن سان واپاري لاڳاپا هئا، جنهن جي شاهدي سر جان مارشل، جي آر هنٽر، جان اي مجيز ۽ ٻيا عالم ڏين ٿا، جن موهن جي دڙي جي تهذيب تي ڪم ڪيو آهي.

سراج صاحب ته ان حوالي سان پورو هڪ تفصيلي باب 'سنڌي تمدن' لکيو آهي. ان ۾ لکي ٿو ته، "سنڌ اها جنت هئي، جت ڪوبه ٻک نه مرندو هو، جتي انسان جي ذهن تان ڏک ۽ ڳڻتي ميسارڻ لاءِ ناچ، سنگيت، نقاشي، بت تراشي ۽ ماڪيءَ مان ٺهيل



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مڌ موجود هئا، جنهن ۾ انسانن ڪي گندگي سان ڇڙ هئي، جنهن ۾ هر انسان ٻئي انسان جو دوست ۽ ياءُ هو. جنهن ۾ ملڪ مان پيدا ٿيندڙ سموريون شيون سيني جي گڏيل ملڪيت هونديون هيون. جنهن ۾ مذهب جي نالي تي تنگ دلي ۽ خونريزي وڏي ۾ وڏو گناهه هو... سنڌ ۾ ان تمدن جو سلسلو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ قائم رهندو آيو ۽ جيتوڻيڪ قبيلن جي زندگي ٽٽي پئي، هڪ نئين طبقاتي نظام ڪي جنم مليو، پر فن ۽ هنر ان طرح ترقي ڪندا رهيا. چاهون جي دڙي، برهمڻ آباد، جهڪري، آمري، ننگر پارڪر ۽ ڀنڀور جون کوٽايون ان تمدن جو هڪ ڏگهو سلسلو ثابت ڪن ٿيون ته هر دور ۾ فن ۽ هنر ڪي اهميت ملي آهي". (سراج –ص 117- 127)

سراج صاحب ان باب ۾ موهن جي دڙي مان مليل ٿانون تي اڪريل تصويرن جي پيٽ اچ جي مختلف ڪرت وارن قبيلن: مهاڻن، ڪنيرن پاران نڪتل ساڳي نوعيت جي چٽن ۽ نقش نگار وارن ٿانون ٿپن سان ڪندي، ثابت ڪيو آهي ته سنڌي قوم موهن جي دڙي واري دور کان وٺي هڪ تسلسل ۾ هنر ۽ فن سان واڳيل آهي، هزارين ورهين جون شاندار روايتون اسان جي تهذيب جو اڻٽٽ حصو آهن. اهڙو شاندار تهذيبي ورثو ورلي ڪن شاهوڪار قومن کي نصيب ٿيندو آهي.

### iii. لفظن جي ڌاتن جي اوسر:

سراج صاحب جي ٻوليءَ جي باري ۾ علم جي ڪٿ ڪجي ته بنا جهجهڪ جي چئي سگهجي ٿو ته ڪيس علم-اللسان جي بنيادي شاخن، ٻوليءَ جي تهذيبي اوسر بابت تمام سٺي ڄاڻ هئي. لسانيات جي شاخ جو ته ماهر هو. مختلف زبانن ۽ خاص طور سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي سرشتي تي ڪيس عبور حاصل هو، جو ڪيس ورثي ۾ سندس والد محمد يعقوب کان مليو.

ڌاتو يا مول معنيٰ لفظ جي جڙ يا پاڙ، جتان لفظ نڪرن ٿا. هڪ ڌاتو آهي 'ڪُ' معنيٰ آواز ڪرڻ. ان مان لفظ جڙيا ڪوڪ، ڪوڪڻ، ڪوڪرو، ڪوڪارو وغيره. ٻيو آهي 'گ' معنيٰ ڳائڻ= ان مان لفظ نڪتا گيت، گيتا (جيڪا سر سان پڙهجي/ ڳائجي) گويو، گائڪ، ڳائڻو. وغيره. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي تحقيق مطابق سنسڪرت ۾ ڪل 2000 ڌاتو آهن، ڪن ان جو انگ 2500 تائين آندو آهي. سراج صاحب جي تحقيق موجب، "سنڌي ٻوليءَ جا بنهه مڪمل ڌاتو 2200 کن ٿين ٿا، (عربي ۽ ٻين ٻولين کان سواءِ)" ڌاتن جي حوالي سان سراج صاحب فرمائي ٿو ته، "سنڌي ٻولي





هڪ فطري ٻولي آهي، جنهن جا آواز/صوتيا فطرت جي آوازن مان ٺهيا آهن. جيئن 'سنسڪرت ڌاتو 'سُو' برابر آهي سنڌي اصل ڌاتو 'سّ' جي. سنسڪرت ۾ ان ڌاتو ۾ 'ار' ۽ 'ان' گڏڻ سان 'سُون' يا 'سُورَ' معنيٰ آواز ڪرڻ. ٻئي طرف سنڌي ڌاتوءَ 'سئ' يا 'سو' جي معنيٰ آهي 'آواز' ۽ سنڌيءَ ۾ ان جون فعلي صورتون آهن: سئڻ، سٽڻ، سُڃڻ (ٻڌڻ ۾ اچڻ) ۽ اهڙي طرح پنهنجي خاص سنڌي طريقي سان ڪيترائي لفظ ٺهن ٿا." (سراج ص -85) سراج صاحب ساڳي اصول هيٺ 'گ' ۽ 'ڪ' ڌاتن جي اسرڻ ۽ مختلف روپن اختيار ڪرڻ بابت سير حاصل بحث ڪيو آهي. هاڻي وڌيڪ ڏسون ته لفظ ڌاتن کان علاوه روپ ڪيئن ٿا وٺن، ان جو جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

### ٻوليءَ ۾ لفظ روپ ڪيئن ٿا وٺن:

محترم سراج صاحب ڌاتن بابت جيڪو بحث ڪيو آهي، اهو بنهه بنيادي نوعيت جو آهي، جنهن کي صوتيات جا عالم وڏي اهميت ڏين ٿا. ساڳيءَ طرح فطري ٻوليون جانورن جي آوازن، جيئن ٻليءَ جي ميائون، ميائون، ٻڪريءَ جي ٻيڪ، مينهن جي رنڀ، جهرڪين جي چين چين، طوطن جي ٽين ٽين، ڪانوَن جي ڪان ڪان، چيهن جي ڇهڪار بامعنيٰ صوتيا ٺاهين ٿيون. انهن آوازن تي مشتمل سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪوڙ سارا الفاظ آهن.

انهيءَ سلسلي کي اڳتي وڌائيندا سين ته جانورن جي عادتن، ڪمن، رنگ، نسل بابت الاهي سارا صوتيا ۽ الفاظ نظر ايندا. ان سان گڏ قدرت جي مختلف مظهرن، گلن ٻوٽن، گاهن، پنن، وڻن ٽڻن، جبلن ٽڪرين، واهن ندين جي حوالي سان به ڪوڙ سارا لفظ اسري آيا آهن. انساني عمل، عادتن پنيان ڪوڙ سارا لفظ جڙن ٿا. ڪي لفظ وري ڪن شين جي بنيادي تصور مان جنم وٺن ٿا. جن جا ڌاتو بنهه فطري ۽ مڪاني آهن. انهن تي ڪنهن به ٻي ٻوليءَ جو اثر نه آهي، ان حوالي سان هيٺ ڪجهه لفظن جو چيد پيش ڪجي ٿو.

ان کان اڳ، وضاحت ڪجي ٿي ته سراج صاحب جو ڌاتن بابت بحث ابتدائي نوعيت جو آهي. جڏهن ته اسان جا ويچار ثانوي حيثيت جا آهن. هڪ ٻي وضاحت به عام پڙهندڙن لاءِ عرض ڪجي ٿي ته صوتياتي سرشتي هيٺ ننڍا آواز/سُر (Vowels) مختلف ٻولين ۾ وڌا تي ويندا آهن. جيئن اَ : الف ۾، اِ : اِي ۽ اُ: او ۾ تبديل ٿي ويندو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي. ساڳيءَ طرح ڪن ٻولين ۾ ڪي صوتيا نه هوندا آهن ته پوءِ اُهي ويجهي آواز کي اختيار ڪنديون آهن. جيئن عربي ۾ 'پ' ناهي ته اُهي ب جي اچار سان لفظ اچاريندا ۽ لکندا آهن جيئن 'باڪستان' آهي، 'هنديءَ ۾ 'ٻ' ناهي ته اهي 'بڪري' لکندا آهن. ٻڪريءَ کي قديم دور ۾ 'اڄ' چيو ويندو هو. سنسڪرت ۾ ان کي 'اَجا' چون (18) اسان جي ڪلاسيڪي شاعرن سان گڏ، شاهه صاحب به اهو لفظ استعمال ڪيو آهي:

جهڙو 'قيدالماءِ،' تهڙو بَندُ نه ڪو ٻيو،
'جَفّ القَلَمُ بِما هُوَ ڪائِنٌ،' لَهي نه ترُ تئاءِ،
عمَرَ تو هتاءِ، آجائِي تئي آجِڙين.
(مارئي -1)

جيڪي ٻڪريون ڌارين، انهن کي چون 'اَجڙوار' ڪٿي وري لهجي سبب 'اجڙوال'. جهنگ ۾ ٻڪرين کي ڪوڙ خطرا هوندا آهن، ڪا ٻڪري 'ڌڻ' کان ڌار ٿي ته جهنگ جا مرون يا پاڙيءَ جون بلائون ڪيس ڪائي وڃن، جيڪو جانور ان کي ڳڙڪائي وڃي ان کي چون 'اجگر' = اڄ = ٻڪري + گر : گر = ڳڙڪائيندڙ = ازدها يا وڏي بلا [بحر بلائون ٻچڙيون، آفتون اجگر — حفيظ]

ٻڪرين جو ڌڻ ٿئي، مينهن جو وڳ، اٺن جو گلو، ڳئن جو ڳئوهر، پکين جو ولر، جيئن ته انتهائي آڳاٽي دور ۾ ٻڪرين جي پالنا جهجهي ٿيندي هئي، جڏهن ته ذڪر ڪيل ٻين جانورن جي پرورش پوءِ ٿي. انهيءَ آڳاٽي دور ۾، ماڻهو ٻڪريون ڏيئي پنهنجي گهرج جون شيون ڳنهندا هئا. اهو ٻڪرين جو 'ڌڻ' پوءِ مٽجي ٿيو 'ڌن' (پلئٽس: Cattle، Wealth، ص 547) باقي زبانن اهو لفظ 'ڌن' اختيار ڪيو. 'ڌن دولت' ۾ دولت جي لفظي معنيٰ آهي: ڦير گهير، متاستا. اڳتي هلي 'سڪن' جو رواج پيو. شروع ۾ سون جا سڪا متا ستا ۾ ايندا هئا، جڏهن انهن جو واهپو وڌيو ته اهي گهٽي ياڳي چانديءَ ۾ نهڻ لڳا. متن جڏهن ملڪ جي مورت پئي ته اهو ٿيو 'روپو' يعني تصوير وارو. جيئن ته اڳ سڪا سون جا هوندا هئا ته ڪي لالچي ماڻهو انهن جا پاسا ڪرچي سون ڪٺو ڪندا هئا. انهن سڪن جي پرک اها هوندي هئي ته انهن کي پاسيرو ڪري بيهاريو ويندو هو، جيڪو سڪو بيهي وڃي يعني 'ڪڙو' ٿئي ته اهو صحيح ٿيو باقي ٿيو ڪوٽو، جنهن مان اصطلاح جڙيو 'ڪڙو ڪوٽو' ٻين ٻولين وارا ان کي چون 'ڪرو ڪوٽو'.





جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته لفظ بنيادي تصور مان جنم وٺن ٿا، ان جا وڌيڪ هڪ ٻه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

ڪيتي ٻاڙي سنڌ ۾ هزارين ورهين کان رائج آهي. ان جا آثار موهن جي دڙي مان مليا آهن. قديم دور ۾ زراعت جو وڏو آڌار سنڌو درياهه هو، جيڪو اونهاري جي موسم ۾ گجگاٽ ڪري وهندو هو. درياهه مست هو، ڪڏهن ڪنهن پاسي ته ڪڏهن ڪنهن پاسي! وسندڙ شهر ويران ڪري، واهڻ پيو وسائيندو هو، ان جي وهڪرن ۽ ڦاٽن تي آبادي ڪئي ويندي هئي، ٻيو ذريعو قدرتي ڍنڍون هيون. ڪوهن جو رواج به عام جام هو. سراج صاحب جي ڪوجنا مطابق ڪوهه به ٺيٺ سنڌي لفظ آهي. جيڪي ڪوهه کٽندا هئا، انهن کي چون 'ڪوهارو' ۽ لاڙ ۾ 'ڪوهاٽا'(*) جيڪي انهن آسري/سانگ تي اچي اَجها اڏيندا هئا، اهي ٿيا 'سانگي' جڏهن ته قدرتي ڦاٽن ۽ وهڪرن/نارن/نالن تي آباد ٿيندڙ 'آبڙ' سڏيا ويا. آب معنيٰ پاڻي، دراصل قديم سنڌي لفظ 'آپ' جي ٻي صورت آهي. مشهور محاورو آهي: 'آپي مان نڪرڻ' يعني پاڻيءَ مان نڪرڻ، هوش وڃائڻ. مارو ماڻهو انهن ڪوهن ڪوٻن تي آباد هئا، 'جتي هر اتي گهر' جيڪو هر هلائي ان کي چون 'هاري' ۽ جيڪا ڪوهه مٿان 'نار' هلائي اها ٿي 'ناري'. سنڌ ۾ نارن جو واهپو به گهٽ ۾ گهٽ 2300 ق- م آهي. (19) ماڻهو پوکيءَ واسطي ٻارين ٻچين ٻنين تي رهندا هئا ۽ گڏجي ڪم ڪندا هئا. ان تان لفظ جڙيو 'ڪڙمي' يعني ڪڙم يا آڪهه وارو.

پوکي راهي سان لاڳاپيل موهن جي دڙي مان جيڪي شيون مليون، انهن ۾ 'ڏاند گاڏي' وڏي اهميت رکي ٿي، جيڪا گاهه پني، ان ڦار ۾ ڪم اچي ٿي، حيرت جي ڳالهه آهي ته ان جو تسلسل اڃا تائين جاري آهي. گاڏي ڇڪيندڙ وهٽ کي چون 'ڏاند' عمر جي لحاظ کان ڪٽ ڪبي ته ڳئون يا گانءِ کي جيڪو ڦر ٿئي ان کي چون 'گابو' جڏهن ان کي اڳيان ٻه ڏند اچن ته ان کي ٻڏاندو يا ٻڙاندو چون، جڏهن ماءُ جو کير ڇڏي چرڻ شروع ڪري ۽ ان کي چار ڏند اچن ته چون 'چوڳو' پوءِ جڏهن ڪم ڪار جهڙو ٿئي ته ان کي 'وهڙو' چون، وهٽ لفظ به ان مان جڙيو آهي. جڏهن مڪمل ڪم ڪار جهڙو ٿئي ته ان کي 'ڏاند' ۽ لاڙ ۾ 'ڍڳو' چون.

سنڌي ٻوليءَ ۾ جانورن جي ڪم ڪار، رنگ نسل مطابق مختلف نالا آهن، اهڙي خوبي ٻين ٻولين ۾ ورلي لڀندي. مثلاً اُٺ لاءِ 20، مينهن لاءِ 15، ٻڪرين لاءِ 17،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڏڳن لاءِ 12، گڏهن لاءِ 10، ڪتن لاءِ 17 مختلف لفظ آهن. جڏهن ته ٻين ٻولين وارا ڪن پچ ملائي نوان لفظ جوڙين ٿا: سهي يا سهڙ کي فارسيءَ ۾ چون ’خرگوش‘ : خر = گڏهه + گوش = ڪن. يعني اهڙو جانور جنهن جا ڪن گڏهه جهڙا هجن ۽ جنهن جا ڪن گهوڙي جهڙا هجن ته ان کي چون ’اسپغول‘ = اسپ = گهوڙو (اسپهان = جتي گهڻا گهوڙا هجن يا گهوڙن جو شهر) + غول = ڪن. اهڙو ٻوٽو، جنهن جا پن گهوڙي جي ڪن جهڙا هجن.

مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته ڪي لفظ شين جي بنيادي تصور مان جڙن ٿا. مثلاً وَرُ = وڪڙ. ان مان هيٺيان لفظ جڙيا آهن، جن ۾ ور وڪڙ جو ڪونه ڪو تصور سمايل آهي، وقت پڄاڻان انهن لفظن ۾ صوتي فرق ضرور اچي ٿو.

وار = ذولف ، ان کي هنديءَ ۾ ’بال‘ ، سرائڪي ۾ چون ’ٻال‘ ، سنڌي ۾ ’ٻارُ‘ هڪ چوٽي آهي ته ’ننڍو ٻار ۽ مڇ جو وار، جيڏاهن ڦيراءِ تيڏانهن ڦري.‘ اردوٗ ۾ هڪ اصطلاح آهي ’بالي عمر‘ يعني ’ٻاراڻي وهي‘ ’ٻال جتي‘ اهڙي عمر، جنهن ۾ننڍيون ڇوڪريون ور ڏيئي رسي ڦيرائي ٽپنديون ڪڏنديون آهن.

وارو= ڦيرو

وري= ڦيهر، ٻئي واري - گهمري، ڦيري، موٽي،

واڙو = لوڙهي سان وڪوڙيل وٿاڻ

واري وٽي = واري سان، نمبر سان، هڪ ٻئي جي پويان

وَرُ = مڙس، ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جي چوڻ مطابق زالون مجلس ۾ ويٺل مردن کي واري واري سان چونديبنديون هيون، ان ڪري ’ور‘ معنيٰ چونڊي ڪنيل مڙس، ڀتار.

وَرُ = وٽ، ڦيرو (وڪڙ ۽ وراڪو بہ ان خيال مان ورتا ويا آهن)

وَلِ = لٽيل فصل خاص طور سارين کي ويڙهي ڪٽي ڦيڙهو ٺاهڻ، جنهن کان پوءِ ڳاهه ڳاهبو آهي.

وَلِ = ڪنهن ٻوٽي جو ور وڪڙ ڪائي ڪنهن وڻ يا ٻئي سهاري تي چڙهڻ

ٻل/بل = ٻر = چرُ = چرندڙ ساهدارن جي زمين اندر کوٽيل رهائش

وَرو = وريل، ڏنگي ڪاني، مُني،

ور ور = وري وري، هر هر





وَرِٽُ = وڪڙ، ور، ونگ (ولهٽ لفظ ان مان ورتو ويو آهي)

ورٽي = پيٽ جو وڪڙ، سور

ورتڻ = وري اچڻ، موٽي اچڻ

ورس= مهينن جو واري واري سان ڦرڻ، سال. ان مان لفظ ٺيو ’ورسي‘ جا واري سان ٻارهين مهيني ملهائجي.( اردوءَ ۾ ’برس‘- برسي)

واريلو = هڪ نہ ٻئي ڏينهن سان تپ اچڻ، واري وارو بخار

وِيرَ= پاڻيءَ جي لهر

ويرُ= ساڙ، بغض

ويڙهو= ماڻهن جي آبادي، ڳوٺ ۾ هڪ ذات/ قبيلي وارن جو پاڙو

ويڙهو= پلال جو

ويڙهو= منڊيءَ جو هڪ قسم

وراڻي = ورائي چوڻ، موٽ ۾ جواب ڏيڻ

انهن لفظن مان وري سوَن جي انگ ۾، اصطلاح ۽ محاورا ٺهيل آهن، جيڪي ٻوليءَ جو اهم حصو آهن، پر انهن تي ڊيگهه سبب بحث کان پاسو ڪجي ٿو.

گهرائيءَ سان ڏٺو وڃي ته گهڻي قدر سنڌي ڌاتو ٻن پدن جا ٿين ٿا. (عربيءَ ۾ ٽن جا) ان ۾ پوءِ وقت سان گڏ سُرن جو اضافو ٿيندو رهي ٿو. يا جڏهن اُهي ٻين ٻولين ۾ شامل ٿين ٿا ته انهن ۾ بہ سُرن ۽ پدن جو اضافو ٿئي ٿو. هيٺيان لفظ بنيادي طور سنڌيءَ جا آهن، ٻين ٻولين ۾اهي، اضافي صوتين سان استعمال ٿين ٿا. مثلاً :

هَٿُ =هاٿ

نڪ = ناڪ

ڪن = ڪان

اک = آنک وغيره

مٿيان لفظ قدرتي ماحول مان اسريا آهن، انهن کي پوءِ ٻين ٻولين ٿوري فرق سان اختيار ڪيو آهي. سنڌيءَ ۾ ’اک‘ جي لفظي معنيٰ آهي: سوراخ. بدني سائنس مطابق مڃيو ويو آهي ته، هر انسان کي 8 سوراخ ٿين ٿا. اک مان ٻيا لفظ ’آکو‘، ’اکياڙي‘ وغيره جڙيا آهن. سنسڪرت ۾ ان کي چون ’اڪش‘ ٻوليءَ جاڻو چڱيءَ طرح سمجهن ٿا ته اُهي لفظ جيڪي سنسڪرت، سنڌيءَ مان ورتا ۽ ’ڪ‘ سان لکجن ٿا، انهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ ’ڪ‘ هميشه ’ڪش‘ سان لکي ويندي آهي. ڪير ڪي لکن ’ڪشير‘ اڪر= اڪشر، پک =پڪش، ڪار = ڪشار، ڪڻ = ڪشڻ(20)

انگن جي ايجاد به سنڌي لوڪن جو سرمايو آهي، جنهن جا واضح ثبوت موهن جي دڙي مان ملن ٿا. سراج صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ هر انگ جي وضاحت ڪئي آهي. لکي ٿو ته: ”هاڻ اچو ته انگن جو اڀياس ڪريون. قديم دور ۾ سنڌي ٻولي تمدني طور ايتري شاهوڪار رهي آهي، جو دنيا جي دور دراز ڪنڊن ۾ علم پهچائڻ جو سهرو به سنڌ جي سر تي آهي. اها ڳالهه ئي جدا آهي ته هن وقت اسان سنڌين وٽ فقط تمدن ۽ علم جي ياد باقي رهي آهي ۽ اها ياد به ڪن عالمن ڪي ڏکي ٿي لڳي! اها ته پراڻي تاريخي روايت آهي ته عربن ’علم هندسه‘ يعني انگن جو علم هندستان ۽ خاص طور سنڌين ڪان سکيو..... موهن جي دڙي جي انگن جو حساب هن ريت آهي:



(سراج، ص: 166، 167)

موهن جي دڙي مان هڪ ڊارو به مليو آهي، جنهن جي مختلف حصن تي جا نشان آهن

انگن جي ارتقا به فطري انداز ۾ ٿي آهي، موهن جي دڙي جا ماڻهو آڱرين تي ڳڻيندا هئا. ڏهه هٿن جون ۽ ڏهه پيرن جون، ڪل ٿيون 20. آڳاٽن اهڃاڻن ۾ سنڌ ۾ ڳڻپ جو وڏو انگ ڪل ويهه هو. جنهن مان ٺهيل چوڻيون اڄ به مشهور آهن: ’جهڙيون ٿي ويهون تهڙي سٺ“، ’گهٽي ويهين سؤ آهي‘ جيئن ته اهو سرشتو آڱرين تان ورتو ويو، ته اهو ذاتو اڱ –انگ ٿيو. ان جا ٻيا ڪيترائي مثال آهن. ان ڪري اڄ به اسان انگ، عضوي ڪي به چوندا آهيون. ان حوالي سان سراج صاحب لکي ٿو ته: ”سنڌي ’ويهه‘ به جيئن ته اسان جي هڪ پراڻي ڳڻپ جو ايڪو هو، ان ڪري تقريباً هر ٻوليءَ جي شروع ۾ اهو ’ويهه‘ اوهان ڪي نظر ايندو. مثال سنسڪرت- ’ويمستي‘ اويستا- ويستي، يوناني - ويڪوسي، لئٽن-نويجنتي وغيره (سراج 98) انگن سان گڏ، تور جو سرشتو به سنڌين جي ميراث آهي. ٿورو غور ڪريو ته اڄ ڪان 5000 سال اڳ، جنهن قوم اهڙا سائنسي سرشتا وجود ۾ آندا، تن جي شعور جي سطح ڇا هوندي!!

تور به بلڪل فطري انداز ۾:





4 مگ = رتي

8 رتيون = ماسو (ٻين ٻولين ۾ اهو لفظ ماشو ٿيو)

12 ماسا = تولو

5 تولا = آنو

4 آنا = پاءُ

4 پاءُ = سير

40 سير = مڻ

تور جي سرشتي بابت جان اي مچينر ’سنڌو ماٿريءَ جي لکت جو اڀياس‘ ڪتاب ۾ لکي ٿو ته، ”دنيا جي قديم سڀيتائن جي وٽن جي ڀيٽ ۾ سنڌو سڀيتا جي تور جي وٽن جو نمونو منفرد آهي ۽ ڪيترن ئي آثارن جي کوٽائين ۽ کوجنائن جي نتيجن ۾ انهن جي ساراهه ڪئي وئي آهي. تور جي هن سرشتي بابت چيو ويو آهي ته، هي اهڙو پڪو ۽ مڪمل آهي، جو رتيءَ برابر ڪو فرق ئي نظر ڪونه ايندو. دنيا جي ٻين سڀيتائن ۾، جيڪي ان وقت تور جا نظام چالو هئا، انهن سڀني ۾، سنڌ جي تور وارو نظام نهايت شاندار، پوري ڏيان گيان سان ٽڪي توري جوڙيو ويو هو ۽ مٿس ڪنهن ٻي سڀيتا جو ڪو اثر ئي ڪونه هو“. (21)

سنڌ جا ذهن اجا به ساوا (زرخيز) آهن. ڪلهوڙن جي دور ۾، ڪنڊياري شهر ڪان ميٿرو هالاڻيءَ لڳ هاءِ وي تي هڪ مسجد ٺهيل آهي، جنهن ۾ محراب ڪان ٻنهي اتر ۽ ڏکڻ طرف ڏاڪڻيون وجن ٿيون. انهن جي پڇاڙيءَ تي الهندي طرف به ڳڙکيون ٺهيل آهن، انهن مان هڪ ۾ سياري وارن مهينن ۽ ٻئي مان اونهاري وارن مهينن جا پهرين تاريخ وارا چنڊ آرام سان ڇٽا ڏسي سگهجن ٿا.

## لفظن جو ڦهلاءُ:

لفظن جي ڦهلاءَ جا گهڻي ڀاڱي هيٺيان مکيه سبب ٿين ٿا:

i. مذهب

ii. واپار

iii. ثقافت

iv. علائقن تي قبضو

سنڌي ٻوليءَ جا لفظ نه صرف نندي ڪنڊ پر ايران، عراق، مصر، شام تائين



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ويا، جن ۾ مکيه ڪارڻ واپار ۽ مذهب هو. جنهن جي تفصيلي وضاحت سراج صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ ڪئي آهي. ساڳيون ثابتيون موهن جي دڙي جي سڀيتا، ٻوليءَ ۽ سنڌو لکت وارن ليکڪن جي ڪتابن ۾ به ملن ٿيون. ان ڪري هتي انهن نڪتن جي وضاحت ڪان پاسو ڪجي ٿو.

فطري طور هر قوم ۽ قبيلي ۾ ڪي ڏريون علم عقل ۾ ته ڪي وري طاقت ۾ سگهاريون ٿين ٿيون. انهن جي ڪوشش هوندي آهي ته ٻيون ڏريون سندن طابع رهن. ساڳيءَ طرح جڏهن برهمڻن، جيڪي پاڻ کي برهما= خدا جو اولاد يا پاڇو سمجهندا هئا، انهن پنهنجي مٿيرائيءَ لاءِ هڪ هٽرادو طريقي سان ٻولي جوڙي، جيڪا بنيادي طور اتر هندستان جي هڪ ننڍي پراڪرت 'اڏيچه' جي سڌريل صورت هئي.(22) برهمڻن چا ڪيو جو رائج مشهور پراڪرتن مان موچارا لفظ چونڊي، مثلاً سنڌي ٻوليءَ ۾ طاقتور لاءِ لفظ آهن: سگهارو، ٻلوان، ستوان، جوڌو، جوان، همت وارو وغيره انهن مان هڪ لفظ چونڊيائون 'ٻلوان'* يا خوبصورت لاءِ لفظ آهن: سهڻو، سندر، ناهوڪو، ملوڪ، حسين، جميل (*). ان مان 'سندر' لفظ چونڊيائون اهڙي طرح خاص طور اسم، صفت، ظرف، *ضمير وغيره چونڊي، انهن ۾ پنهنجا ڏرمي خيال رچايائون. ان ڪان پوءِ عام ماڻهن تي پابندي وڌائون ته هو سواءِ مذهبي ويچارن ۽ پوڄا پاٺ جي، اها ٻولي ڪتب نه آڻين. ان ڪان پوءِ چونڊيل لفظن جي تشريح لاءِ لغتون جوڙيائون. اهڙي روايت تقريباً سڀني مذهبن ۾ رهي آهي. جن مذهبي پيشوائن ٻوليءَ تي سختي ڪئي آهي، اها ٻولي ناپيد ٿيندي رهي آهي، جنهن ۾ عبراني به اچي وڃي ٿي.

سراج صاحب جو چوڻ اهو آهي ته، سنڌ هر لحاظ ڪان شاهوڪار رهي آهي، ان ڪري هتان ٻولي، ثقافتي شيون، عام واهپي جون شيون واپار وسيلي ڏيساور وينديون رهيون آهن. سنڌ جا پٽي لوڪ (واپاري) مسلسل اُهي شيون پاڻ سان گڏ ڦهلائيندا رهيا آهن. سراج صاحب سنسڪرت ۽ ڪن پراڪرتن جا مثال ڏنا آهن. ان مسئلي کي سمجهڻ لاءِ هيٺ عربي ٻوليءَ جا ڪجهه مثال ڏجن ٿا.

سنڌ جا مذهبي عالم چون ٿا ته، عربي لفظ 'بصل' مان سنڌي لفظ 'بصر'، بهطه مان 'پت' 'فوم' مان 'ٿوم' ورتا ويا آهن. جڏهن ته حقيقت ان جي برعڪس آهي. 'پت' چانورن مان چاڙهبو آهي. چانور اتي ٿيندا آهن، جتي پاڻي جام هوندو آهي. بصر ان جي داڳ لاءِ استعمال ٿيندو آهي ته يقينن اهي شيون/لفظ سنڌ مان عرب





سر زمين ڏانهن ويا. حروف مقطعات موهن جي دڙي جي لپيءَ مان ڳولي سگهجن ٿا. سنڌ جون ثقافتي شيون عراق، مصر، شام ۾ وڏيڪ ملن ٿيون، جڏهن ته اتان جون شيون هتي (سنڌ ۾) خيرڪي هٿ آيون آهن. (23)

اها به مڃيل حقيقت آهي ته سنڌ جا علم نجوم ۽ علم طب بغداد جي معرفت عربن تائين پهتا، جنهن جا حوالا عربن سياحن جي ڪتابن مان پڻ ملن ٿا. (24) سنڌ ۾ ايامن ڪان پيٽ جي صفائيءَ لاءِ ٽي وکر: 'هريڙون، ٻهيڙا، آورا' ڪتي استعمال ڪيا ويندا آهن. انهن کي 'ٽڦلو' يعني ٽي ڦل چيو ويندو آهي، سنسڪرت وارن ان کي 'تري ڦل' ڪوٺيو آهي. جڏهن ته عربن ان کي 'اِطريفل' لکيو آهي. هن وقت به همدرد ۽ اجمل دواخانه طرفان مختلف قسم جا 'اطريفل' تيار ٿين ٿا، انهن ۾ سندن 'اطريفل زماني' مشهور آهي.

انهن حوالن مان، چڱيءَ طرح سمجهي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جا لفظ ڪهڙي طرح مختلف علائقن تائين پهتا. ان حوالي سان، سراج جو نظريو بلڪل صحيح ۽ تاريخي حقيقت تي ٻڌل آهي ته، ”سنسڪرت زبان ڪوڙ سارا لفظ سنڌيءَ ٻوليءَ جا ڪنيا آهن.“

## وياڪرڻي چنڊ ڇاڻ:

ٻوليءَ جي بڻ بنياد جاچڻ ۾ ، 'وياڪرڻ' جو مطالعو اهم حيثيت رکي ٿو. سنڌي نحوي صورتن جو ذڪر ڪندي هڪ هنڌ سراج صاحب لکي ٿو ته مٿين بيان مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته سنڌي ڳنڍجندڙ پدن سان گڏ ڦيرو ڪائيندڙ پدن واري ٻولي آهي، پر اهو ڳانڍاپو ۽ ڦيرو سنڌيءَ ۾ پنهنجو اصلوڪو آهي ۽ هزارين ورهين ڪان ائين آهي. ان مان ڪو به ڇاڻو اهو مطلب نه ڪڍندو ته انهيءَ صورت هيٺ جي ڪري ڪي ٻولين ڪن ساڳي طرح ڦيروڪائيندڙ ٻولين مان نڪتيون آهن. هر ٻوليءَ جو مزاج پنهنجو، گرامر پنهنجو، عادتون پنهنجون ۽ خصوصيتون پنهنجون هونديون آهن. ٻولين جي سرچشمي ڳولڻ لاءِ نه رڳو انهن خصوصيتن جي هڪجهڙائيءَ جو اڀياس ڪرڻو آهي، پر اختلافن جو پڻ اڀياس ضروري آهي. محض ڪن هڪجهڙاين جي ڪري ائين چئي نه سگهبو ته، فلاڻي ٻولي فلاڻيءَ مان نڪتي آهي يا فلاڻي ٻوليءَ ۾ اها صورتحال فلاڻي ٻوليءَ جي ڪري آهي.“ (سراج ص: 81)

سنڌي ٻوليءَ جو نحوي ڇيد، ان طرح اڄ تائين ڪنهن گرامر نويس نه ڪيو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي، بلڪ ٻين ٻولين خاص طور سنسڪرت ۽ عربيءَ جي گهاڙيٽن کان متاثر ٿي، سنڌي ٻوليءَ کي انهن سانچن ۾ فٽ ڪيو ويو آهي. (ان جا سنا مثال ڪاڪي ڀيرومل ۽ واحد بخش شيخ جي ترتيب ڏنل گرامرن ۾ ملن ٿا.) بهتر ٿيندو ته مختلف هنڌن تي سراج صاحب جي ڪيل صرفي ۽ نحوي تشريحن کي سامهون رکي، سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق نئين سر گرامر جوڙيو وڃي.

هن وقت تائين ان موضوع تي ڪم ڪندي عالمن گهڻي ڀاڱي لفظي ذخيري (Vocabulary) جي پاڙ ۾ پيٽ پئي ڪئي آهي ۽ مختلف پراڪرتن جي لفظن جي هڪجهڙائي ڳولڻ ۾ وقت صرف ڪيو اٿن. اهڙي نوعيت جا ڪتاب به انگريز عالمن ڏيهي مواد مان هٿ ڪري جوڙيا آهن.

وياڪرڻي پيٽ جو بهتر انداز ۾ ڪم ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ڪيو آهي ۽ ڪانئس اڳ جڙيل اسٽئڪ جي گرامر ۾ رهجي ويل خامين خاص طور نحوي صورتن بابت هن تفصيل سان لکيو آهي . سنسڪرت ۽ ٻين پراڪرتن جي وياڪرڻي پيٽ ڪندي جيڪي ڪيس اهم ڳالهيون آئڙيون آهن، انهن جو ذڪر ڪندو ويو آهي. جيئن پنهنجي سنڌيءَ بابت گرامر جي حصي پهرين ۾ لکي ٿو ته، ”سنڌيءَ مان 'بي جنس' هاڻ غائب ٿي ويو آهي، جيڪو سنڌيءَ جي ويجهي مائٽ يعني پراڪرت جي اپڀرنش لهجي مان به اڳ ئي خارج ٿي چڪو آهي. ايئن ٿو لڳي ته اهو پراڻين ٻولين جي اثر کان آزاد ٿيڻ ۽ اڄ جي جديد ٻوليءَ ۾ هڪجهڙائي حاصل ڪرڻ لاءِ پهرئين قدم طور ڪيو ويو آهي. جيئن ته سنڌيءَ ۾ هر اسم کي هڪ خاص آوازي پڇاڙي لڳندي آهي، تنهن ڪري جنس بابت ڄاڻ ۾ ايتري ڏکيائي نٿي رهي، جيتري ٻين لهجن (پراڪرتن) ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.“ (25)

اهڙي ريت سنڌي ٻوليءَ ۾ صرف ٻه جنسون ٿين: هڪ مذڪر ٻي مؤنث، جڏهن ته سنسڪرت، عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ ۾ ٽي جنسون ٿين. ٽين جنس کي بيجان (Neuter Gender) چيو ويندو آهي. عربي وارا ان کي اسم آلہ يعني هٿ جون نهيل شيون جيئن: ميز، ڪرسي، قلم وغيره چوندا آهن. ٽرمپ صاحب جڏهن پيٽ ڪئي ته ڪيس سنسڪرت سان گڏ، ٻين پراڪرتن ۾ اها جنس نظر آئي. ساڳي طرح سنسڪرت ۽ عربيءَ ۾ تثنيه (Dual) ٿئي، جيئن: مسجد، مسجدين،مساجد، طرف، طرفين، اطراف. اسان جي سنڌي عالمن پنهنجي گرامر وارن ڪتابن سنسڪرت ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





عربيءَ کان متاثر ٿي هترادو تثنيه (جوڙو يا ٻٽ)کي شامل ڪيو آهي.

ڊاڪٽر ٽرمپ لڳ ڀڳ گرامر جي هر بنيادي حصي جو ٻين ٻولين سان پيٽ ڪندي تفصيلي جائزو ورتو آهي، جنهن کي ڏيگهه سبب اتي ختم ڪريون ٿا. ڪاڪي ڀيرومل مهر چند آڏواڻيءَ به ساڳي پيٽ کي جاري رکندي، مڪاني محاوري جا مثال ڏيندي، سنڌي گرامر جي ڪافي پاسن تي قلم کنيو آهي ۽ سر گريئرسن جي روايت پٽاندر سنڌي ٻوليءَ جي لهجن: سري، وچولي، لاڙي، ٿري، لاسي، ڪڇيءَ جو تفصيل سان تذڪرو ڪيو آهي.

صَرف (Morpheme) يعني لفظن جي گرامر مطابق صحيح استعمال بابت متين عالمن چڱو اپياس پيش ڪيو آهي، پر نحوي بناوتن جو ذڪر گهٽ ڪيو آهي. ان جو مکيه سبب هي به ٿي سگهي ٿو ته سنڌي ۽ سنسڪرت ٻولين جي ترتيب ۾ ڪافي فرق آهي، مثلاً: سنسڪرت، عربي، انگريزي ٻولين ۾، اڳ ۾ فاعل پوءِ فعل ۽ آخر ۾ مفعول ايندو آهي. جڏهن ته سنڌيءَ ۾ اڳ ۾ فاعل پوءِ مفعول ۽ آخر ۾ فعل ايندو آهي. سنڌيءَ ۾ بنيادي طور تي ٽي زمان هوندا آهن، پر اسان جي ڪن عالمن عربيءَ جي شوق ۾ 'مضارع' کي به شامل ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ تعليم کاتي جي اڳوڻو ڊائريڪٽر جناب واحد بخش شيخ به ٻن ڀاڱن ۾ سنڌي صرف نحو لکيا، جيڪي 1989 ڌاري شايع ٿيا. موصوف لکي ٿو ته، ”فعل جا مکيه يا بنيادي زمان ٽي مقرر ڪيا ويا آهن.“ اُهي هي آهن:

1. مضارع
2. ماضي
3. مستقبل (26)

حقيقت اها آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ زمان ٽي آهن: حال، ماضي ۽ مستقبل. مضارع عربيءَ جو صيغو آهي. زوريءَ کن پڇ ڪتري، مقرر سانچي ۾ سموهڻ عقيدي پرستي ته ٿي سگهي ٿي، پر علمي لياقت هرگز نٿي ٿي سگهي! مضارع جي صيغي کي سراج صاحب به تسليم ڪري ٿو، جنهن سان اسان اختلاف ڪيون ٿا. سراج صاحب لکي ٿو ته: ”حال، مستقبل ۽ مضارع، اسم مفعول ۽ ماضي جا اصول ڪنهن به ڌارين زبان جي مرهون منت نه آهن.“ (سراج:ص 111)

متين ٻولين ۾ حرف جر اسم جي اڳيان ايندو آهي. ان ڪري ان کي Pre

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

position چوندا آهن. جيئن 'انا يذهب الا مدرسة' انگريزيءَ ۾ I am going to school سنڌيءَ ۾ چئبو 'مان اسڪول ڏانهن وڃي رهيو آهيان.' مٿين جملن ۾ الا، To، ڏانهن حرف جر آهن . ان ڪري سنڌيءَ ۾ حرف جر لاءِ انگريزيءَ ۾ Post Position لکڻ گهرجي. (گريئرسن ۽ ٽرمپ بہ ائين لکيو آهي.)

هاڻي ٻوليءَ جي هڪ اهم اصطلاح 'اسم تصغير' جو ذڪر ڪريون ٿا، جنهن جي باري ۾ سنڌي گرامر نويسن خوب لکيو آهي. مثال طور هيٺ ڪاڪي ڀيرومل جو ذڪر ڪيون ٿا:

ڪاڪي ڀيرومل مهر چند آڏواڻيءَ پنهنجو 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' 1925 ۾ تيار ڪيو، جيڪو اول پاڻ ڇپائي پڌرو ڪيائين ۽ بعد ۾ ٻيو ڇاپو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي وارن 1985 ۾ ڇاپي پڌرو ڪيو. ڪتاب جو ٽيٽيهون باب 'اسم تصغير' بابت لکيل آهي ۽ ان ۾ اسم تصغير جون واٽون بہ ٻڌايون اٿس. ان ڪتاب لکڻ کان اڳ، ڪاڪي ڀيرومل، مرزا قليچ بيگ جو گرامر قلمي صورت ۾ پڙهيو ۽ ان مان فائدو ورتائين. ان کان علاوه ان دور ۾ گهڻو پڙهيو ويندڙ 'وولنر جو پراڪرت گرامر' ۽ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جو 'سنڌي گرامر' بہ پڙهيائين. اهڙو اعتراف هن پنهنجي ڪتاب جي منڍ ۾ پڻ ڪيو آهي. مرزا قليچ بيگ 'اسم تصغير' لاءِ ڪجهہ نہ لکيو آهي. ٻين گرامرن ۾ بہ 'اسم تصغير' لاءِ ڪي الڳ باب ڪونهن. ڪاڪو ڀيرو مل لکي ٿو : اسم تصغير جوڙڻ جو واٽون. (27)

**<u>ٽ - پڇاڙي: چريو - چريٽ، ڄام - ڄاموٽ</u>**

اصل ۾ اهي تصغيري نہ پر صفاتي صورتون هن ريت آهن:

چريو- چرٻٽ: چريٽ- چرياڻ= مست

ڄامڙا- ڄاموٽ- ڄام= حاڪم

**<u>ڇوڪرو- ڇوڪراٽ، ڏئو-ڏئاٽي.</u>**

اسان وٽ ڇوڪرو ۽ ڇوڪراٽ ۾ معنيٰ توڙي گرامر جي لحاظ سان ڪو بہ فرق نہ آهي، البت ڪاڪي ڏئي جي تصغيري صورت **ڏئاٽي** لکي آهي، جيڪا شڪل توڙي عمل ۾ ڏئي کان وڏي آهي.

**<u>ايرو- پڇاڙي:</u> <u>ڊگهو - ڊگهيرو،</u> <u>ٿورو - ٿوريرو،</u> <u>ڇڱو - ڇڱيرو</u>**

ڪاڪي هي مثال تہ صفت تفضيل (Comparative Adjective) جا ڏنا آهن.





سنسڪرت جي گرامر ۾ 'اسم تصغير' لاءِ 'ر' ڪم ايندي آهي. ڪاڪي ڪي اها ڦٽ ڪرڻي هئي، اجا ڪاڪو ڊگهو-ڊگهڙو، ٿورو- ٿورڙو، ڇڱو- ڇڱڙو لکي ها تہ ڳالهہ وزن ڪري ها.

**<u>ڙ- پڇاڙي - منڍي - منڍيئڙو، پنڌ - پنڌڙو، هٽ - هٽڙو -</u>**

ڪاڪو ڀيرومل وضاحت ۾ لکي ٿو تہ هيءَ بہ ساڳي 'ر' پڇاڙي آهي، پر اچار ڦري 'ڙ' ٿيو اٿس. ڇڱو- ڇڱيرو-ڇڱيرڙو، ڊگهو- ڊگهيرو- ڊگهيڙو، ڳالهيون ورجائيندو وڃي 'ل' پڇاڙي تي پهتو آهي:

**<u>ڏٺو- ڏٺل، ڪٽو- ڪٽل، مٽو- مٽل، سهٽو- سهٽل، پنهون- پنهل.</u>**

اسان جي خيال ۾ ڪٽل، مٽل، سهٽل، پنهل اسم مفعول آهن، جيڪي نج سنڌي ٻوليءَ جي سڀاءَ مطابق ٺهيل آهن، ڪاڪو انهن کي بہ سنسڪرت جي دائري ۾ آڻي اسم تصغير ڄاڻائي ٿو، جيڪا سراسر زيادتي آهي. اهي مثال ڪاڪي پاڻ اسم مفعول واري باب ۾ پڻ ڏنا آهن. (ڏسو 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' صفحو: 116)

حقيقت اها آهي تہ اسم تصغير ۽ اسم تڪبير عربي ۽ سنسڪرت ٻولين ۾ آهن. سنڌيءَ ۾ ڪونہ ٿين، هرو ڀرو وڪڙ چاڙهي انهن لاءِ تصغيري صورتون جوڙيون ويون آهن. ڀلا جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ اسم تصغير آهن تہ پوءِ اسم تڪبير ڪيڏانهن ويا؟ اردو ٻوليءَ ۾ بہ اهي اسم ڪونهن، ڪن گرامر نويسن زوري باغ=بغيہ، گڙي=گڙيا، ڪتي= ڪتيا، بيٽي = بٽيا وغيره شامل ڪيا آهن.

سنڌيءَ ۾ اهو صيغو ٻوليءَ ۾ پيار، پنهنجائپ، سواد پيدا ڪري ٿو . نہ ڪي تصغيري يا تفضيلي صورت! ان صيغي لاءِ اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي مزاج مطابق موزون اصطلاح جوڙڻو پوندو. مثلاً ادڙا، منڙا، هتڙي، ڪٿڙي ڪٽي ويهہ. ان مان معلوم ٿيو تہ ان صيغي جو لاڳاپو اسم، صفت ۽ ظرف سان ٿئي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جي حوالي سان سراج صاحب لکي ٿو تہ: "سنڌيءَ جي فعلن ۽ اسمن ۾، عدد، جنس ۽ فعلي صورتن جي ڪري جيڪي ڦيريون گهيريون اچن ٿيون، ان جو مثال ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪونہ ٿو ملي. ايترو مڪمل ۽ باقاعده نحوي نظام هڪ اصلوڪي ٻوليءَ ۾ ئي ٿي سگهي ٿو، ۽ جيڪي ٻوليون ڪن ٻين ٻولين مان نڪتل هونديون آهن، انهن جي تقريباً هر ڦير گهير کي اصل ٻوليءَ ۾ ليي سگهجي ٿو. حال، مستقبل ۽ مضارع، اسم مفعول ۽ ماضي جا جيڪي اصول سنڌيءَ ۾ موجود

آهن، اهي بلڪل ئي پنهنجي نوعيت جا آهن، جن لاءِ سنڌي ڪنهن بہ ڌارينءَ زبان جي مرهون منت نہ آهي. ضميري پڇاڙين لاءِ اهو چيو وڃي ٿو تہ ﻫﭩيون پڇاڙيون جيئن تہ سنسڪرت ۾ نہ آهن، ان ڪري ضرور عربيءَ مان آيون هونديون. مون انهن پڇاڙين جي قدامت تي اڳئي بحث ڪيو آهي ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو اٿم تہ اهي نشانيون ماءُ- آدرشي ۽ پيءُ- آدرشي سماجن جي وقت جي نشاندهي ڪن ٿيون. اهو مڪمل نظام جڏهن ان وقت ئي موجود هو تہ پوءِ عربيءَ جي اثر جو سوال پيدا ڪونہ ٿو ٿئي. دراصل هند- يورپي ٻولين مان اڪثر پراڻين ٻولين ۾ ﻫﭩين پڇاڙين جو اصول موجود هو، جن مان ڪي زبانون اهي پڇاڙيون وڃائي چڪيون آهن تہ ڪن ۾ اجا بہ موجود آهن." (سراج ص 111)

هِن بحث جي پڇاڙي هندستان جي مشهور ٻاشا وگيان شري لعل سنگهہ اجواڻي جي هيٺ ڏنل تبصري سان ڪريون ٿا، جيڪو هن پنهنجي تحقيقي مقالي 'سنڌي ٻاشا ۽ ان جو اصل نسل' ۾ ڏنو آهي. اجواڻي صاحب لکي ٿو تہ:

"جڏهن هڪ ودوان اهو چئي ٿو تہ جيڪو ڪم سرجان مارشل يا فادر هيراس نہ ڪري سگهيا (يعني موهن جي دڙي جي مهرن تي اڪريل ٻولي پڙهڻ) اهو ڪم هن نوجوان مسلم ليکڪ ڪري ڏيکاريو. سچ پچ تہ هن وڏي جرئت ڪئي آهي، جو اڳ قائم ڪيل سنسڪرت ۽ عربيءَ تي آڌاريل مانداڻ کي ڌاهہ پٽ ڪيو آهي. هاڻ لڳي ٿو تہ سراج جي راين تي غور ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. 'سنڌي ٻولي' ڪتاب ۾ هن کي سڀ کان وڏي ڪاميابي اها ملي آهي جو سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد يا سرچشمي کي ثابت ڪرڻ لاءِ هن موئن جي دڙي ۽ هڙاپا جي مهرن تي اڪريل ٻوليءَ کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان ڪوشش ۾ هو ان نتيجي تي پهتو آهي تہ هاڻوڪي سنڌي، انهيءَ جهوني ۾ جهوني ٻاشا، جيڪا سنڌي ئي هئي، جو اسريل روپ آهي. هن نوجوان ليکڪ پنهنجي علميت ۽ تنقيدي قابليت انهيءَ مجتا کي قائم ڪرڻ ۾ ظاهر ڪئي آهي تہ سنڌيءَ جو بڻ بنياد، سنسڪرت ناهي بلڪ سنڌي ۽ سنسڪرت ٻئي هڪ ئي بنياد مان نڪتيون آهن ۽ شايد سنڌي جو جنم سنسڪرت کان اڳ ٿيو، ان ڪري ان سنسڪرت کي وڌيڪ متاثر ڪيو. بقول سراج جي تہ: "سنڌي جيڪڏهن ڪن سنسڪرت لفظن جي مرهون منت آهي تہ سنسڪرت تي سنڌيءَ جو ان کان بہ وڏو قرض آهي. سنسڪرت تہ هڪ طرح سان سنڌيءَ جي ڄائي آهي. سڌي طرح نہ سهي اڻ سڌي





طرح سهي." (28)

حقيقت اها آهي تہ سراج صاحب سنڌي ٻوليءَ جي اصليت بابت جنهن محنت ۽ محبت سان رنڊا روڙيا هئا، سي اڄ ساب پيا آهن. اڄ سنڌ، هند ۽ يورپ جا عالم ۽ ٻوليءَ جا ماهر مڃين ٿا تہ سنڌي ٻولي هن خطي جي قديم ترين ٻولي آهي، جنهن جون پاڙون موهن جي دڙي واري قديم تهذيب کان بہ اڳ جون اسريل نظر اچن ٿيون.

سراج صاحب سنڌي ٻوليءَ ۽ تهذيب جي کوجنا بابت جيڪي گس گهڙيا آهن، انهن تي سنجيدگيءَ سان عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي، مون اڳ بہ ڪنهن تحقيقي مقالي ۾ لکيو آهي تہ ڪاش! سراج صاحب جو اهو ڪتاب (سنڌي ٻولي) ستر-اَسي واري ڏهاڪي ۾ انگريزيءَ ۾ اچي وڃي ها، تہ هوند اهو پنڌ سولو ٿي پئي ها، ۽ عالمي سطح تي ٻولين ۽ تهذيبن بابت کوجنا ڪندڙ عالمن ۽ ادارن لاءِ نوس مواد ميسر ٿئي ها.

بهرحال اجا بہ وقت نہ ويو آهي. اميد جا ڪرڻا نظر اچن ٿا. تازو سنڌ حڪومت راقم جي گذارش تي 'انڊس اسڪرپٽ' بابت ريسرچ سيل قائم ڪرڻ جي باقاعده منظوري ڏني آهي. جيڪڏهن سچي جذبي ۽ اورچائي سان ڪم ڪيو ويو تہ 'موهن جي دڙي واري لپي' پڙهڻ ۾ ڪاميابي يقيني آهي، جنهن سان سراج صاحب سان گڏ هزارين عالمن ۽ اسڪالرن جي خوابن کي ساڀيان ملندي.

## حوالا


1. Butt, Allah Rakhio, "Dr. Ernest Trump Builds Strong foundation of Sindhi Language" Kalachi (research Journal) Sep.2008- PP.11, 12.
2. Ibid, P-15
3. ٽرمپ، ارنيسٽ، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو گرامر' سنڌي ترجمو: ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2011، ص11.
4. ملڪاڻي منگهارام، 'سنڌي نثر جي تاريخ' روشني پبليڪيشن، 1993-ص:9، 10 .
5. Stack George, Captain *'A grammar of Sindhi Language'*, Sindhi Language Authority, 2011, p.13.
6. Ibid. P-85
7. ميمڻ، محمد صديق، خانبهادر، 'سنڌ جي ادبي تاريخ' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 2000، ص4،3
8. ملڪاڻي، منگهارام، 'سنڌي نثر جي تاريخ'، روشني پبليڪيشن 1993، ص19.
9. گريئرسن: 'برصغير جي ٻولين جو جائزو' سنڌي ترجمو ڊاڪٽر فهميده حسين، مقدمو: ڊاڪٽر غلام علي الانا، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2011ع ص 18

10. گوپانگ، محمد صالح، ڊاڪٽر، ’پرائمري درسي ڪتابن جو جائزو‘ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2012 ص 89
11. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘، حيدرآباد 1970 ص 38
12. بلوچ، نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، 1980- ص 30.
13. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد 1980ع — ص 7-8.
14. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد‘، زيب اديب مرڪز، حيدرآباد 1974ع — ص 15-114.
15. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي جي ارتقا‘، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2006 — ص iv
16. ساڳيو، ص 39.


※ ويدن لکڻ ۾ جيڪا لپي استعمال ٿيل آهي، ان کي ’برهمي‘ چون ٿا. لکتن جي ماهرن (Epigraphists) جي پڪتي راءِ آهي تہ برهمي خط موهن جي دڙي واري مورتي خط (Pictography) مان اسريو آهي.( ايڊيٽر)

17. سراج، ’سنڌي ٻولي‘، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2009ع، ص: 39.
18. Platts . T. John “Urdu, Classical Hindi and English” Dictionary, London, 1884. P 22


※ ڪاڻين ڏرتيءَ سِڪ، خاص نُڪتو ڪاند جو، + **ڪوهاڻا** ڪوه ڪٽي، ماسُ ڪپينس مِڪُ،
تاب نہ آڻي تڪ، نار آڻي نُور جو. (سر ڪلياڻ و جمن) پانهون خان

19. Pahnwar H.M. ‘Six Thousands year History of Irrigation in Sindh’ .Culture Department, Govt of Sindh 2011- P 24 .
20. جهمٽ مل، نارومل، ’وئتپتي ڪوش‘ سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1987ع، ص:39.
21. مچينر.اي. جان، ’سنڌو ماٿريءَ جي لکت جو اپياس‘، (سنڌي ترجمو) عطا محمد ڀنڀرو، سنڌ آرڪائيوز، 2012ع، ص 33.
22. گريئرسن، ’برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو‘، سنڌي ترجمو، ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2011ع، ص 14.


♦ جي ٽي پئلٽس: بلوان، ص: 165 ۾ سندر، ص: 683.

• لفظ جميل، جمل = اٺ مان ورتو ويو آهي، يعني اٺ جهڙو سهڻو. صحرائي ثقافت ۾ اٺ کي وڏي اهميت حاصل آهي، ان ڪري ان سان تشبيهہ ڏني ويندي آهي.

23. ندوي، ابو جلال، ’جريده‘ شعبہ تصنيف، تاليف و ترجمہ ڪراچي يونيورسٽي، 2004ع، ص: 17-18.
24. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1980ع، ص 77.






25. ٽرمپ، ارنيسٽ، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ جو گرامر‘، سنڌي ترجمو ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي 2011-ص 55.
26. شيخ، واحد بخش، ’سنڌي صرف و نحو‘، ڀاڱو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1989-ص-1.
27. آڏواڻي، ڀيرومل مهر چند، ’وڏو سنڌي ويا ڪرڻ‘، انسيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو 1985ع، ص: 5-233.
28. ملاح، مختيار احمد، ’سنڌي ٻولي بابت مقالا ۽ مضمون‘ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، 2011ع، ص:131-130.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair